روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) آچر 14 مئي 2023ع بمطابق 23 شوال المڪرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 348

اسان امن ۽ استحڪام لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکنداسين: آرمي چيف

9 مئي تي مچيريل ماڻهن، انهن کي اڪسائڻ ۽ عمل ڪندڙن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

امن ۽ استحڪام جي عمل کي خراب ڪندڙن جي ڪا جاءِ ناهي، پاڪ فوج جي ملڪيتن جي تقدس جي پڄڪڙي جي وڏيڪ ڪا ڪوشش برداشت نه ڪنداسين

ڪاري ڏينهن جي ڪارروائين جي سيني منصوبي سازن، مچيريل ماڻهن، انهن کي اڪسائيندڙن ۽ عمل ڪندڙن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين

دشمن عنصرن طرفان هٿيار بند فوجن کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، عوام جي سهڪار سان اهڙين ڪوششن کي ناڪام بڻائينداسين

آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪور هيڊ ڪوارٽرز پشاور جو دورو ڪيو، جتي ڪيس موجوده سيڪيورٽي صورتحال ۽ دهشتگردي خلاف جاري ڪوششن تي بريفنگ ڏني وئي

دوري دوران آرمي چيف انفارميشن وار فيئر ۽ غلط فهميون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش بابت به آگاهه ڪيو

راولپنڊي (م ر) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته 9 مئي تي مچيريل ماڻهن. انهن کي اڪسائڻ ۽ عمل ڪندڙن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪور هيڊ ڪوارٽرز پشاور جو دورو ڪيو، جتي ڪيس موجوده سيڪيورٽي صورتحال ۽ دهشتگردي خلاف جاري ڪوششن تي بريفنگ ڏني وئي. آرمي چيف ڪور آفيسرن سان خطاب ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪور آفيسرن کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاهور ۾ جناح هائوس تي حملو ڪندڙ ڪيترن ئي شرپسندن جي سڃاڻپ ٿي وئي

لاهور (م ر) قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جناح هائوس ۽ ٻين فوجي جڳهين تي حملو ڪندڙ ڪيترن ئي شرپسندن جي سڃاڻپ ڪري ورتي آهي، ذريعن موجب شرپسندن ۾ دانش منير، سعود، عدنان، فاروق زمان، علي حسن، چوڌري مسعود ۽ ٻيا شامل آهن. شرپسندن جي سڃاڻپ جو سلسلو جاري آهي. جناح هائوس ۾ باهه، ڀڃ ڊاهه ڪرڻ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وزيراعظم جناح هائوس تي حملي ۾ ملوث دهشتگردن کي 72 ڪلاڪن ۾ گرفتار ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

دهشتگردي جي واقعن ۾ ملوث ماڻهن کي قانون موجب سزا ڏني ويندي. دهشتگردي جي منصوبه بندي ڪندڙن خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي: شهباز شريف

اهڙي قسم جو ڪم ڪوبه پاڪستاني سوچي به نٿو سگهي، اهڙي ڪريل حرڪت ڪندڙن کي قانون موجب سزا ڏني ويندي

ڪور ڪمانڊر هائوس، تاريخي جناح هائوس سڙي مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا آهن اهڙي واقعي تي سموري قوم ڏکويل آهي

عمران نيازي ۽ سندس جٿا پاڪستان جي دشمنن کان گهٽ نه آهن جيڪو ڪم شرپسند 75 سالن ۾ نه ڪري سگهيا اهو پي ٽي آءِ جي شرپسندن ڪيو

اهڙن شرپسندن خلاف دهشتگردي جي انت واري عدالتن ۾ ڪيس هلايا ويندا، قانون وارو وزير دهشتگردي جي انت واري عدالتن جو انگ وڌائي

شرپسندن کي سزائون ڏيڻ جي لاءِ جيڪڏهن رات جو به ڪورٽون هلائڻيون پيون ته هلائينداسين: لاهور ۾ سيف سٽي اٿارٽي جي دوري جي موقعي تي خطاب

لاهور (م ر) وزيراعظم شهباز شريف جناح هائوس لاهور تي حملي ۾ ملوث دهشتگردن کي 72 ڪلاڪن ۾ گرفتار ڪرڻ جي هدايت جاري ڪري ڇڏي آهي. لاهور ۾ سيف سٽي اٿارٽي جي دوري جي موقعي تي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته دهشتگردي جي واقعن ۾ ملوث ماڻهن کي قانون موجب سزا ڏني ويندي. دهشتگردي جي منصوبه بندي ڪندڙن خلاف به ڪارروائي ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس جو ڏيک

عمران خان جي ڪفالت ڪئي پئي وڃي، عدليه سهولتڪاري نه ڪري: خواجه آصف

پرڏيهه مان هتي پهتس ته خبر پئي ته تحريڪ انصاف جي عورتن سان گستاخي ڪئي وئي

مان ذاتي طور تي شرمنده آهيان اسان جي سياست ۾ اهڙين شين جي ڪا به گنجائش نه آهي

نوازشريف کي سازش تحت ڪڍيو ويو، نوازشريف سان جيڪو ڪجهه ٿيو ان ۾ اسٽيبلشمينٽ ۽ عدليه جو گٺ جوڙ هو

سيالڪوٽ (م ر) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته عمران خان جي اسپانسر ۽ ڪفالت ڪئي پئي وڃي. اسان جو مطالبو آهي ته عدليه سهولتڪاري نه ڪري، دفاع واري وزير خواجه آصف سيالڪوٽ ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

جناح هائوس ۾ ڀڃ ڊاهه ۽ باهيون ڏيندڙن جون تصويرون جاري، 2 لک روپيه انعام جو اعلان

گهرو وزارت باهيون ڏيڻ ۾ ملوث ماڻهن جي سڃاڻپ ڪندڙن لاءِ 2 لک روپيه انعام جو به اعلان ڪيو

اخبارن ۾ جاري ڪيل اشتهار ۾ شهرين کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو جناح هائوس کي باهه ڏيندڙن جي نشاندهي ڪن

لاهور (م ر) پنجاب جي گهرو وزارت جناح هائوس کي باهه ڏيڻ ۾ ملوث ماڻهن جون تصويرون جاري ڪري ڇڏيون گهرو وزارت باهيون ڏيڻ ۾ ملوث ماڻهن جي سڃاڻپ ڪندڙن لاءِ 2 لک روپيه انعام جو به اعلان ڪيو آهي. اخبارن ۾ جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: جناح هائوس ۾ ڀڃ ڊاهه ۽ باهيون ڏيندڙن جون تصويرون جاري ڪيون ويون آهن

نيب جو ايڪشن: مراد سعيد جو گهيرو تنگ

نيب سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، لائيو اسٽاڪ ۽ آبپاشي کاتي کان رڪارڊ طلب ڪري ورتو

مراد سعيد خلاف رشوت، غير قانوني ڀرتين سميت ٻيون به شڪايتون آهن: نيب اختياريون

اسلام آباد (م ر) قومي احتساب بيورو (نيب) خيبرپختونخواهه اڳوڻي وفاقي وزير مراد سعيد خلاف ڪيترن ئي الزامن جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور هاءِ ڪورٽ ياسمين راشد سميت 17 پي ٽي آءِ عورت ڪارڪنن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي 17 عورت ڪارڪنن جي نظربندي خلاف درخواستن تي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

سمورن ڪارڪنن جي نظربندي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو

ڊاڪٽر ياسمين راشد ڪنهن ڪيس ۾ گهربل نه آهي ته ڪيس آزاد ڪيو وڃي: عدالت

لاهور (م ر) لاهور هاءِ ڪورٽ تحريڪ انصاف جي 17 عورت ڪارڪنن جي نظربندي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي 17 عورت ڪارڪنن جي نظربندي خلاف درخواستن تي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

عمران خان پنهنجا ٻار ٻاهر رکي ٻين جي ٻارن کان فوج تي حملا ڪرائي رهيو آهي: ڪامران ٽيسوري

عمران خان جي گرفتاري تي پي ٽي آءِ ڪارڪنن جو ردعمل پاڪ فوج ڏانهن ئي ڇو هو؟

عمران خان اڳ ۾ پاڪستان لاءِ هاڻ ٻين لاءِ ڪيڏي رهيو آهي، هو ملڪ لاءِ سيڪيورٽي رسڪ آهي

چيف جسٽس جوابدار جي آجيان ڪرڻ جي نئين روايت وڌي آهي، هاڻ ان تي قائم رهڻو پوندو

گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري (فائيل فوٽو)

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري چيو آهي ته عمران خان پنهنجا ٻار برطانيا ۾ رکي ٻين جي ٻارن کان فوج تي حملا ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ملڪ ۾ انٽرنيٽ سروس بحال: يوٽيوب، فيس بوڪ ۽ ٽوئيٽر اڃان تائين بند

اڃان تائين سوشل ميڊيا جي بحالي جون هدايتون نه مليون آهن: پي ٽي اي

انٽرنيٽ جي بندش سبب 3 ڏينهن دوران آءِ ٽي سيڪٽر کي 10 ارب روپين جو نقصان ٿيو

اسلام آباد (م ر) جمعي جي رات پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ انٽرنيٽ سروس بحال ٿي وئي آهي پر صارفين کي سوشل ميڊيا سائٽس استعمال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ايف سي ڪمپائونڊ مسلم باغ ۾ سيڪيورٽي فورسز جو ڪليئرنس آپريشن مڪمل، سمورا 6 دهشتگرد مارجي ويا

آپريشن 12 مئي جي شام دهشتگردن جي حملي کي ناڪام ڪرڻ لاءِ شروع ڪيو ويو هو

يرغمالين کي بچائڻ لاءِ آپريشن شروع ڪيو هوان سان گڏ ئي هڪ رهائشي بلاڪ مان 3 خاندانن کي بچائڻو هو

رابطن جي خبر لڳائڻ ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ انٽيليجنس فالواپ جاري رکيو ويندو: آءِ ايس پي آر

ڪوئيٽا (م ر) اتر بلوچستان ۾ ايف سي ڪمپائونڊ مسلم باغ ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪليئرنس آپريشن مڪمل ڪري ورتو جنهن دوران سمورا 6 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته 7 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪوئيٽا: ايف سي ڪمپائونڊ مسلم باغ ۾ سيڪيورٽي فورسز گشت ڪندي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس جو آپريشن

شهر ۾ سرچ آپريشن حساس علائقن ۾ ڪيو ويو: پوليس

ڪيترائي حراست ۾ آهن، جن کي ٿاڻن تي منتقل ڪيو ويو آهي

ڪراچي (م ر) ڪراچي ۾ رات دير سان پوليس مختلف علائقن ۾ ڪومبنگ آپريشن ڪيو پوليس اختيارين موجب شهر ۾ سرچ آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر شيري رحمان پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

فتني کي رليف نه ملي ها ته بوتل ۾ بند هجي ها: راڻا ثناءُالله

هي ڪو احتجاج ناهي پر ان دوران دڪانن کي ڦريو ويو، احتجاج ڪيو ويو

دڪان ۽ مال مارڪيٽن کي ڦريو ويو، جانورن کي به باهه ڏني وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي ته ملڪ ۾ عمران خان جي حق ۾ رڳو 40 کان 45 هزار ماڻهو احتجاج ڪرڻ آيا. جيڪڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عمران خان سياست ۾ تشدد ۽ ذهنن ۾ جنهن قسم جو زهر ڀريو: شاهه

عمران نيازي آر ايس ايس جي طرز تي دهشتگرد پيدا ڪيا آهن

عمران نيازي آر ايس ايس جي طرز تي دهشتگرد پيدا ڪيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) بلديات واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ملڪ جي مجموعي صورتحال جي حوالي سان هڪ اهم بيان ۾ چيو آهي ته عمران خان سياست ۾ تشدد ۽ ذهنن ۾ جنهن قسم جو زهر ڀريو آهي ان سان قومي تشخص کي تمام گهڻو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

راڻا ثناءُالله انٽرنيٽ بحال نه ڪيو ته سمورين وڊيوز جاري ڪري ڇڏيندس: حريم شاهه جي ڌمڪي

لاهور (م ر) ٽڪ ٽاڪر حريم شاهه گهرو وزير راڻا ثناءُالله کي انٽرنيٽ بحال نه ڪرڻ تي ڌمڪي ڏئي ڇڏي آهي، حريم شاهه پنهنجي آفيشل ٽوئيٽر هينڊل ٽوئيٽ ڪئي آهي جنهن ۾ هن راڻا ثناءُالله کي انٽرنيٽ بحال ڪرڻ جو الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو آهي. حريم پنهنجي ٽوئيٽ ۾ راڻا ثناءُالله کي ٽيگ ڪندي لکيو ته جيڪڏهن راڻا ثناءُالله اڄ رات تائين انٽرنيٽ بحال نه ڪيو ته مان سندس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ ۾ پرتشدد واقعا: ڀڃ ڊاهه، گهيراءُ ۽ باهين جي الزام ۾ گرفتار ٿيل هڪ مهيني لاءِ نظربند

گرفتار پي ٽي آءِ ڪارڪنن کي لاڙڪاڻو، سکر ۽ جيڪب آباد سميت ٻين جيلن ۾ رکيو ويندو

ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ جي احتجاج دوران گرفتار ماڻهن جو انگ 400 کان وڌي ويو

ڪراچي (م ر) سنڌ جي گهرو وزارت صوبي ۾ تازن پرتشدد واقعن، ڀڃ ڊاهه ۽ باهين جي الزام ۾ گرفتار ماڻهن کي 3 ايم پي او جي تحت هڪ مهيني لاءِ نظر بند ڪري ڇڏيو آهي. تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪوئيٽا: بولان ۾ ريلوي ٽريڪ وٽ ڌماڪو، هڪ ڄڻو زخمي

پيرو ڪنري ٽريڪ وٽ ڌماڪي جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو

ڌماڪي ڪانپوءِ علائقي کي ڪڙو چاڙهيو ويو آهي: پوليس

ڪوئيٽا (م ر) ڪوئيٽا جي علائقي بولان ۾ پيرو ڪنري ريلوي ٽريڪ جي ويجهو ڌماڪو ٿيو آهي، پوليس اختيارين موجب پيرو ڪنري ٽريڪ وٽ ڌماڪي جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو، جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ميرپور ساڪرو: هيروئن، آئيس، گٽڪي ۽ ٻي منشيات جي سرعام واهپي خلاف شهري احتجاج ڪندي

سنڌي فلمن جي ٻانيڪار فلمساز حسين شاهه فاضلاڻيءَ جي پوٽيءَ کي ٻاٿر تنگ ڪرڻ لڳا

حاجاڻا ۽ شاهه برادريءَ جي ٻااثر ماڻهن اسان جي حويليءَ جي زمين تي قبضو ڪري ورتو آهي: سيده سحر گل

حويليءَ مان لکين روپين جو سامان چوري ڪيو ويو آهي، داڻهون ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن

حسين شاهه فاضلاڻي سنڌ ۽ پاڪستان جي پهرين فلم عمر ماروي ٺاهي هئي

اوڏيرو لال (رپورٽر) سنڌي فلمن جي ٻانيڪار فلمساز حسين علي شاهه فاضلاڻيءَ جي پوٽيءَ ٻاٿرن جي روپي کان تنگ ٿي احتجاج رڪارڊ ڪرايو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سيد ناصر حسين شاهه پاران سينيئر صحافي حميد سومرو جي پاءُ سلام سومرو جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سينيئر صحافي حميد سومرو جي پاءُ سلام سومرو جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. سيد ناصر حسين شاهه مرحوم جي مغفرت ۽ بلند درجات/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پرياسٽي: ٻن ڌرين ۾ جهيڙي تان نوجوان قتل

پير مهائين واري علائقي ۾ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي مقتول جو لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو

پرياسٽي (رپورٽر) پرياسٽي ويجهو ٻن ڌرين ۾ جهيڙي جي نتيجي ۾ نوجوان مارجي ويو. جنهن بعد ڌرين ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال آهي پير مهائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

عمران نيازي ڀارت ۽ اسرائيل جي مدد سان سوشل ميڊيا تي حاوي آهي: شرجيل ميمڻ

عمران خان عدالت ۾ ويهي ڌمڪي ڏيندو رهيو ته ڪيس ڀيهر گرفتار ڪيو ويو ته ساڳيو ردعمل ايندو

عمران خان ڏنڊي جي زور تي سموري ملڪ کي يرغمال بڻائي ڇڏيو آهي

جهڙي طرح عمران خان کي عدالت مان ضمانت ملي، ان تي پيپلزپارٽي جي جيالن ۾ تاءُ پکڙيل آهي

عمران خان پاڪستان جو سڀ کان وڏو بليڪ ميلر آهي: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته عمران نيازي ڀارت ۽ اسرائيل جي مدد سان سوشل ميڊيا تي حاوي ٿيو ويٺو آهي هن چيو ته عمران خان عدالت ۾ ويهي ڌمڪي ڏيندو رهيو ته ڪيس ڀيهر گرفتار ڪيو ويو ته ساڳيو ردعمل ايندو صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو ته عمران خان ڏنڊي جي زور تي سموري ملڪ کي يرغمال بڻائي ڇڏيو آهي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: سنڌ سرڪار واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

گيان چند ايسراڻي پاران سينيئر صحافي حميد سومرو جي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) اقليتن جي معاملن واري صوبائي وزير گيان چند ايسراڻي سينيئر صحافي حميد سومرو جي ڀاءُ سلام سومرو جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. گيان چند ايسراڻي حميد سومرو ۽ ڏکويل گهراڻي سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته مرحوم جي درجن جي بلندي ۽ سوڳوار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

جڏهن ضرورت پئي عمران خان نيب آڏو پيش ٿيندو: القادر ٽرسٽ ڪيس جو لکت ۾ حڪم جاري

عمران خان جاچ ۾ رنڊڪ وجهي ته نيب ضمانت رد ڪرڻ جي درخواست داخل ڪري سگهي ٿو: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

آرٽيڪل 245 لاڳو آهي عمران خان کي رليف نٿو ملي سگهي: ايڊووڪيٽ جنرل ۽ ايڊيشنل اٽارني

ايڊووڪيٽ جنرل ۽ ايڊيشنل اٽارني جنرل لاڳاپيل فورم احتساب عدالت جي هجڻ جو اعتراض اٿاريو: عدالت

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ عمران خان جي عبوري ضمانت جو لکت ۾ حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چيئرمين پي ٽي آءِ عمران خان کي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته عمران خان جاچ ۾ رنڊڪ وجهي ته نيب ضمانت رد ڪرڻ جي درخواست داخل ڪري سگهي ٿو. جاچ جي جڏهن به ضرورت هجي عمران خان نيب آڏو پيش ٿئي، حڪم نامي ۾ ايڊووڪيٽ جنرل ۽ ايڊيشنل اٽارني جيو آهي ته آرٽيڪل 245 لاڳو آهي عمران خان کي رليف نٿو ملي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

گهڻو ڪجهه ٿيڻ وارو آهي، مئي جو آخري هفتو انتهائي خطرناڪ آهي: منظور وساڻ جي اڳڪٿي

پي ڊي ايم جو ارادو هو ته حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪري 8 آڪٽوبر تي چونڊون ڪرايون وڃن

ممڪن آهي ته ملڪ ۾ اتحادي حڪومت نه هجي ۽ اهو به ممڪن آهي ته اليڪشن هڪ سال لاءِ ملتوي ڪئي وڃي

هن وقت ملڪ جون حالتون اهڙيون آهن جو هن سال چونڊون ٿيندي نظر نه ٿيون آهن: زراعت بابت صلاحڪار

زراعت بابت صلاحڪار منظور وساڻ

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ وزيراعليٰ سنڌ جي زراعت بابت صلاحڪار منظور وساڻ هن مهيني لاءِ اڳڪٿي ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: لياقت آباد ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۾ ٻارڙو مارجي ويو

شروعاتي جاچ ۾ خبر پئي آهي ته فائرنگ جو واقعو جهيڙي دوران پيش آيو

جهيڙي دوران محبوب تي فائرنگ ڪئي وئي، ڪيس جنگهه ۾ گولي لڳي: پوليس

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي علائقي لياقت آباد ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ ٻارڙو مارجي ويو پوليس موجب شروعاتي جاچ ۾ خبر پئي آهي ته فائرنگ جو واقعو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

آءِ ايم ايف معاهدو نٿو ڪرڻ چاهي ته نه ڪري، وڌيڪ مشڪل فيصلا نٿا ڪري سگهون: اسحاق ڊار

مئي ۽ جون ۾ 3.7 ارب ڊالر جي بيروني ادائيگين جو پلان آهي، ان ادائيگين ۾ ڪا به پريشاني نه آهي

انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ جيترا اڳواٽ قدم کڻڻ لاءِ چيو اهي سمورا قدم کڻي ورتا آهن هاڻ وڌيڪ قدم نٿا کڻي سگهون

آءِ ايم ايف کي معاهدو ڪرڻو آهي ته ڪري جيڪڏهن نٿو ڪرڻ چاهي ته نه ڪري

اسلام آباد (م ر) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته آءِ ايم ايف معاهدو نٿو ڪرڻ چاهي ته نه ڪري، اسان وڌيڪ مشڪل فيصلا نٿا ڪري سگهون. ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته آءِ ايم ايف کي معاهدو ڪرڻو آهي ته ڪري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار خطاب ڪري رهيو آهي

عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جو غير شرعي نڪاح: ڪيس ٻڌڻ جوڳو آهي يا نه، فيصلو محفوظ

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي غير شرعي نڪاح ڪيس ۾ عدالت ڪيس جي ٻڌڻ جوڳو هجڻ يا نه هجڻ تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو سول جج نصرمن الله جي عدالت ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي غير شرعي نڪاح ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. درخواستگذار جي وڪيل راجا رضوان عباسي چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پي ٽي آءِ ۾ ضم نه ٿيڻ تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو: مصطفيٰ ڪمال

عمران خان جي حڪومت پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چيو، انڪار ڪيو ته نيب ۾ ڪيس ڪيو ويو

پيپلزپارٽي جي حڪومت اسان کي آدمشماري ۾ ڳڻڻ لاءِ تيار ناهي: عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي احتساب عدالت ۾ مصطفيٰ ڪمال ۽ ٻين خلاف ڪلفٽن ۾ سرڪاري زمين جي غيرقانوني الاٽمينٽ بابت ريفرنس تي ٻڌڻي ٿي آهي، ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال ۽ ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا./بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ميرپور ساڪرو: هيروئن، آئيس، گٽڪي جي سرعام واهپي خلاف شهري سراپا احتجاج

لڏيا اسٽاپ وٽ احتجاج بعد ڌرڻو، گهارو ساڪرو مين روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ بند ٿي وئي

شهر ۾ سرعام منشيات جو ڪاروبار ٿي رهيو آهي، پوليس ڪا به ڪارروائي نه پئي ڪري: مظاهرين

منشيات جو ڪاروبار بند ڪرائي نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو وڃي، ٻي صورت ۾ تحريڪ هلائي ويندي

ميرپور ساڪرو (رپورٽر) ميرپور ساڪرو ۾ هيروئن، آئيس، گٽڪي ۽ ٻي منشيات جي سرعام واهپي خلاف شهري سراپا احتجاج بڻجي ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ جي اطلاعات کاتي واري سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ پاران سينيئر صحافي حميد سومرو جي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي واري سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ سينيئر صحافي حميد سومرو جي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. اطلاعات کاتي واري سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

گڊو پوليس: مقابلي بعد 2 مغوي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

ڊي ايس پي ڪشمور محمد صادق اوڊو جي اڳواڻي ۾ پوليس ڳجهي اطلاع تي گيهلپور جي ڪچي ۾ ڇاپو هنيو

دوست علي دمدموٽ ڪارروائي ڪري حضور بخش گرگيج ۽ عبدالوهاب گرگيج کي بازياب ڪرايو

گڊو (رپورٽر) گڊو پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته مقابلي دوران ٻن مغوين کي بازياب ڪرايو ويو آهي، جڏهن ته پوليس ڪنهن به جوابدار جي گرفتاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪنڌڪوٽ ۾ جي يو آءِ پاران بدامني چورين ۽ ٻين مسئلن خلاف احتجاجي مظاهرو

ضلعي امير مولوي عبدالرحيم پناڻ، شمس الدين پيري، سائين محبوب علي شاهه ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪنڌڪوٽ شهر ۾ امن جو پکي اڏامي ويو آهي اهو ڏينهن خالي ڪونه آهي جنهن ڏينهن چوري نه ٿي: مظاهرين

سنڌ حڪومت نوٽيس وٺي امن ڪرائڻ نه ته احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ ۾ جي يو آءِ پاران بدامني چورين ڌاڙا روز ماڻهن کي اغوا ڪرڻ خلاف هيبت روڊ کان گهنٽه گهر تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي قائم مقام ضلعي امير مولوي عبدالرحيم پناڻ، شمس الدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ضلعي ڪشمور ۾ امن امان بحال ڪرايو

ڪنڌڪوٽ: جي يو آءِ پاران بدامني چورين ۽ ٻين مسئلن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر يونين آف جرنلسٽس پاران سکر پريس ڪلب ۾ عزم جو ڏينهن ملهايو ويو

ملازمن جي جبري برطرفي ۽ پگهارون نه ملڻ خلاف، قلم جي مزدورن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو پيو وڃي: اڳواڻ

فهيم صديقي کي ميڊيا ورڪرز جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ تي ڪيس ڪڍي ڇڏيو آهي حقن لاءِ آواز اٿاريندڙن سان گڏ آهيون

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) سکر يونين آف جرنلسٽس پاران سکر پريس ڪلب ۾ عزم جو ڏينهن ملهايو ويو. صحافين جي رڏي انگ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا هائوسز جي مزدور پاليسين خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر امداد بوزدار، نائب صدر خالد ٻانڀڻ، ميمبر ايف اي سي پي ايف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز ۾ ٽريزري دادو جي آفيسرن جي استادن تي فائرنگ ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

صدر استاد رانجهو خان وسطڙو جنرل سيڪريٽري ممتاز علي راڄپر، ناظر حسين پنهور اياز حسين ميمڻ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بد مست ٽيزري آفيسرسميت سموري عملي خلاف دهشد گردي ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي : مظاهرين جون دانهون

دهشتگرد ٽيزري آفيسرن کي سسپنڊ ڪري استادن مان بي چيني دور ڪئي وڃي ورنه سموري سنڌ ۾ تحريڪ هلائي ويندي

نوشهروفيروز(رپورٽ: منظور ملڪ) پ ٽ الف پرياسٽي سميت ضلعي نوشهروفيروز جا استاد ٽريزري دادو جي آفيسرن جي استادن تي فائرنگ ڪرڻ خلاف نيشنل پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاج ڪيوان کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي پ ٽ الف جي سينئر نائب صدر استاد رانجهو خان وسطڙو جنرل سيڪريٽري ممتاز علي راڄپر ناظر حسين پنهور اياز حسين ميمڻ محمدسليمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

خيرپور ۾ يونين آف جرنلسٽس جي صدر سيد عبيد شاهه جيلاني جي سالگره تقريب

خيرپور (رپورٽر) پريس ڪلب خيرپور ۾ يونين آف جرنلسٽس ضلعي خيرپور جي صدر سيد عبيد شاهه جيلاني جي سالگره تقريب منعقد ڪئي وئي، تقريب ۾ اڳوڻو چيئرمين پبلڪ سيفٽي ڪميشن،سينئر صحافي غلام عباس پنهور، پريس ڪلب جو صدر خان محمد خان، جنرل سيڪريٽري ثناءَالله ميمڻ، خزانچي شاهد تراز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز: ٽريزري جي آفيسرن جي استادن تي فائرنگ ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز پرسان ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ، هڪ مارجي ويو

ڪلهوڙا برادري جي اڪبر ڪلهوڙو يار محمد ڪلهوڙو وارن سان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي: اعظم ڪلهوڙو

انهن فائرنگ ڪري نوجوان اربيلو ڪلهوڙو کي قتل ڪيو آهي پوليس لاش اسپتال منتقل ڪيو آهي

علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل، واقعو پراڻي دشمني سبب پيش آيو وڌيڪ جاچ جاري آهي: پوليس

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي پرسان بير مهائين ۾ پراڻي تڪرار تان ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ ۾ اربيلو ڪلهوڙو مارجي ويو لاش پرياسٽي اسپتال منتقل سندس مائٽ اعظم ڪلهوڙو ٻڌايو ته ڪلهوڙا برادري جي اڪبر ڪلهوڙو يار محمد ڪلهوڙو وارن سان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي انهن فائرنگ ڪري نوجوان اربيلو ڪلهوڙو کي قتل ڪيو آهي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊو غلام حيدر پرسان قديمي قبرستان تي بااثرن پاران ناجائز زبردستي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن گل محمد: لغاري، خدابخش لغاري، الهبچايو لغاري ،عاشق علي لغاري، ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

بااثرن علي نواز لغاري، عجيب لغاري، امجد لغاري، مجيد لغاري، ۽ ٻين پاران قبرن جي بيحرمتي ڪن ٿا: مظاهرين

قبرستان تان فوري طور تي قبضو ختم ڪرائي قبضا مافيا خلاف سخت کان سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر پرسان ڳوٺ ماڪ لغاري جي قديمي قبرستان تي بااثرن پاران ناجائز زبردستي قبضي خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو نعريبازي ٽنڊو غلام حيدر ويجهو ڳوٺ ماڪ لغاري ۾ قديمي درگاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو غلام حيدر: قديمي قبرستان تي بااثرن پاران ناجائز زبردستي قبضي خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

دڙي ۾ مڇرن جو آزار، سوين معصوم ٻار توڙي وڏا مليريا ۾ ورتجي ويا

مليريا کاتي سميت ٻين لاڳاپيل اختيارين مڇرمار اسپري نه ڪرايو، گرمي ۽ گندگي سبب مڇرن جو آزار وڌي ويو

مليريا کاتي پاران شهر ۾ مڇرمار ڦوهارو نه ڪرائڻ ڪري سوين معصوم ٻار توڙي وڏا مليريا ۾ ورتجي ويا

سرڪاري اسپتالن سميت سميت پرائيويٽ اسپتالون مليريا جي مريضن سان سٽجي ويون آهن: رهواسي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙي ۾ مڇرن جو آزار، سوين معصوم ٻار توڙي وڏا مليريا ۾ ورتجي ويا. دڙو ۾ مليريا کاتي سميت ٻين لاڳاپيل اختيارين مڇرمار اسپري نه ڪرايو. شهري سخت پريشان. دڙي ۾ گرمي ۽ گندگي سبب مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي. مليريا کاتي پاران شهر ۾ مڇر مار ڦوهارو نه ڪرائڻ ڪري سوين معصوم ٻار توڙي وڏا مليريا ۾ ورتجي ويا آهن. جڏهن ته سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي ۾ شهباز ڳوٺ ۾ بنگلي تي مبينه قبضي خلاف احتجاج

اسان جو بنگلو آهي دوست محمد ۽ گلشير منگنيجي هٿيار بند وٺي قبضو ڪيو آهي: مظاهرين

قبضو ۽ حملو ڪندڙ جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري تحفظ ۽ انصاف ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) نادرن باءِ پاس لڳ شهباز ڳوٺ ۾ بنگلي تي مبينه قبضي خلاف وارثن صائمه سهتو، زوار سهتو احتجاج ڪندي چيو آهي ته شهباز ڳوٺ ۾ اسان جو بنگلو آهي جنهن تي دوست محمد ۽ گلشير منگنيجي هٿيار بند وٺي قبضو ڪيو آهي ۽ هڪ اڪرم راهو کي زخمي ڪري نادر سهتو کي زبردستي اغوا ڪري کڻي ويا آهن جڏهن ته ساڳين ماڻهن ڪجهه ڏينهن اڳ ڪوڙي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

رتوديرو جي پرائمري اسڪول 2 ۾ سالياني تقريب

تقريب ۾ ڊي اي او لاڙڪاڻو انيس الرحمان جلباڻي خاص مهمان ۽ ٻين جي شرڪت

ملڪ ۽ قوم جي ترقي جو دارو مدار صرف ۽ صرف تعليم تي آهي: اڳواڻ

نئون ديرو(رپورٽ: شاد محمود پٺو) رتوديرو جي پرائمري اسڪول 2 ۾ سالياني تقريب: 200 شاگردن ۾ ٿيلها، ڪتاب ۽ بوڪ تقسيم: سالياني امتحان ۽ تقريب ۾ ڊي اي او لاڙڪاڻو انيس الرحمان جلباڻي خاص مهمان ۽ ٽي اي او رتوديرو عبدالرشيد چانڊيو اعزازي مهمان هئا: چيف مانيٽرنگ آفيسر ياسر سولنگي آر ايس يو ڪوآرڊينيٽر ممتاز منگي استاد اڳواڻ فياض پٺي، رياض /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نئون ديرو ٿاڻي جي حد مان هلندڙ هفتي ڦروارداتن ۾ اضافو اچي ويو

ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ايليمينٽري عبدالعزيز چاچڙ کان هٿياربندن روڊ تان سرعام 13 لک ڦري ويا

ڦروقت پوليس جا 6 جوان ٿوري فاصلي تي موجود هئا پر انهن ڦورن خلاف ڪجهه به نه ڪيو: متاثر

غفلت ڪندڙ اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي ويندي: ڊي ايس پي نئون ديرو

نئون ديرو (رپورٽر) نئون ديرو ٿاڻي جي حد جت ــ پٺا لاڙي وٽان ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ايليمينٽري عبدالعزيز چاچڙ کان لکين روپيه ڦر واقعي خلاف تعليم کاتي جا عملدار، استاد تنظيمن ۽ آپڪا اڳواڻ سان گڏجي وڏي تعداد ۾ ڳاڏين جي قافلي سان نئون ديرو ٿاڻي تي پهچي ويا ڊائريڪٽر سيڪنڊري لاڙڪاڻو عبدالعزيز چاچڙ، ڊي اي او سيڪنڊري الهه بخش سومرو، ڊي اي او پرائمري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪي اين شاهه ۾ نوري آباد سانحي جي شهيدن جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

مغيري برادري جي هڪ خاندان جا شهيد ٿيندڙ 19 گهرڀاتين جي وارثن پاران انصاف نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

2022 جي مهاٻوڏ خيرپور ناٿن شاهه واسين لاءِ قيامت صغرا جا منظر هئا. واپسي دوران نوري آباد وٽ سانحو پيش آيو: اڳواڻ

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ 12 آڪٽوبر 2022 نوري آباد بس سانحي ۾ مغيري برادري جي هڪ خاندان جا شهيد ٿيندڙ 19 ڀاتين جي وارثن پاران انصاف نه ٿيڻ خلاف پريس ڪانفرنس ڪئي تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دڙو پرسان ڳوٺ جاڙو ڪنڌاڙو ۾ پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال

اسڪول جي عمارت ڪيترن سالن کان مرمت نه ٿيڻ ڪري زبون حال بڻجڻ ڪانپوءِ ناڪارا بڻجي وئي

اسڪول جي مرمت ڪئي وڃي قوم جا معمار بهتر طريقي سان تعليم حاصل ڪري سگهن: رهواسي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو پرسان عمارت نه هجڻ سبب پرائمري اسڪول جهوپڙي ۾ قائم. دڙو پرسان ڳوٺ جاڙو ڪنڌاڙو ۾ قائم پرائمري اسڪول جي عمارت ڪيترن سالن کان مرمت نه ٿيڻ ڪري زبون حال بڻجڻ کان پوءِ ناڪارا بڻجي وئي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03



دڙو: اسڪول جي عمارت زبون هال هجڻ خلاف شاگرد ٻارڙا قائم ڪيل جهوپڙي ۾ پڙهي رهيا آهن

ٺٽي ۾ تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي پاران قرآن خواني ڪرائي وئي

ضلعي ٺٽي جي سينيئر اڳواڻ سيد امجد شاهه. انصاف ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

جنرل سيڪريٽري شاهزيب شيخ. وڪيل سلمان شاهه. سجاد بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمن عمران خان جي اسلام آباد هائيڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

محرابپور: بدوش گورنمينٽ مڊل اسڪول شوڪت آباد مان جان ڇڏرايو

مشهور گورنمينٽ مڊل اسڪول بوائز شوڪت آباد محرابپور ۽ پسگردائيءَ جي هلندڙ تدريسي عمل لاءِ رڪاوٽ بڻيل

هي اسڪول مختلف اسڪولن جي عمارتن ۾ شام جي شفٽ ۾ هلايو ويندو آهي جيڪو مختلف اسڪولن مان ٿيندو: رهواسي

محرابپور (مجاهد علي سامٽيو)خانا بدوش گورنمينٽ مڊل اسڪول شوڪت آباد مان جان ڇڏرايو : گرلس پرائمري اسڪول لائين پار محرابپور جي عورت ٽيچرس جون دانهون وڏي عرضي ڪان محرابپور ۾ قائم خانا بدوش طور مشهور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪشمور مان امن جو پکي هڪ ڀيرو ٻيهر اڏامي ويو

ضلعي مان اغوائن جو سلسلو رڪجي نه سگهيو، پوليس خاموش

اغوائن جي وڌندڙ وارداتن سبب علائقي ۾ خوف پکڙيل آهي: رهواسي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ضلعي ڪشمور مان امن جو پکي هڪ ڀيرو ٻيهر اڏامي ويو ضلعي مان اغوائن جو سلسلو رڪجي نه سگهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

غوثپور: اغوا ٿي ويل نوجوانن جا فائل فوٽوز

دهشتگردي جي ڪوشش کي ناڪام بڻايو ويو آهي: ايس ايس پي سکر

دهشتگردي طور ڪر ڪندڙ جوابدار صالح پٽ جي وارياسي علائقي ۾ هندستاني بابر سان گڏ ڪم ڪري رهيا هئا

جوابدار پائند خان وٽان 10 ڪلو آرڊي ايس ۽ ٻيا هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آهن دهشتگردن ۾ جيڪي جوابدار گرفتار ٿين ٿا

سکر(رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) ايس ايس پي سکرسنگهار ملڪ جي ايس ايس پي آفيس سکر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سکر جي صالح پٽ واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪئي وئي دهشتگردي جي ڪوشش کي ناڪام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي جي شهرين پاران پيئڻ جي پاڻي جي مسلسل ڪوٽ خلاف احتجاج جاري

هڪ احتجاجي ريلي شاهجهان چوڪ کان ڪڍي وئي، ٺٽو پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو پهتي

ڪراچي وارن کي روزاني لکين ايڪڙ پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي : مظاهرين جون دانهون

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) گذريل ٻن مهينن کان ٺٽي جي شهرين پاران پيئڻ جي پاڻي جي مسلسل ڪوٽ خلاف شهرين پاران مسلسل احتجاج جاري انهي سلسلي ۾ هڪ احتجاجي ريلي شاهجهان چوڪ کان ڪڍي وئي جيڪا ٺٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو: شهرين پاران پيئڻ جي پاڻي جي مسلسل ڪوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

غوثپور ۾ چاچڙ برادري ۾ هلندڙ پراڻي خوني تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو

چڪتاڻ سبب ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان پنهنجي جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

هن وقت تائين مجموعي طور تي ٻنهي ڌرين جا ٻه ڇٽا گولين جو کاڄ بڻجي چڪا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور جمال ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ واحد بخش بجاراڻي پرسان سنڌ ڍوري واري علائقي ۾ چاچڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي خوني تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو آهي ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دهشتگردي جي ڪوشش کي ناڪام بڻايو ويو آهي: ايس ايس پي سکر

دهشتگردي طور ڪر ڪندڙ جوابدار صالح پٽ جي وارياسي علائقي ۾ هندستاني بابر سان گڏ ڪم ڪري رهيا هئا

جوابدار پائند خان وٽان 10 ڪلو آرڊي ايس ۽ ٻيا هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آهن دهشتگردن ۾ جيڪي جوابدار گرفتار ٿين ٿا

سکر (رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام بڻائي ڇڏيو. ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي پريس ڪانفرنس، تفصيل موجب .ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ ضلعي آفيس سکر ۾ پريس ڪانفرنس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوتيار برادري جي 10 ڳوٺاڻن جي دهشتگردي ڪيسن ۾ حفاظتي ضمانت منظور

وڪيل سنڌ بار ڪائونسل جو سينئر ميمبر محمد اشرف سمون پنهنجي ٽيم سميت ميدان تي اچي ويو

فريادڻ مسمات نجمه نوتيار گولين لڳڻ سبب زخمي ۽ علمدار فائرنگ سبب شهيد ٿي ويو هو

ٺٽو(رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ)سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي نوتيار برادري جي ڏهه ڳوٺاڻن جي دهشتگردي ڪيسن ۾ حفاظتي ضمانت منظور ڪري ڇڏي آهي غلام الله لڳ 103 موري نوتيار ڳوٺ واقعي نئون رخ اختيار ڪري ورتو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر: سماجي تبديليءَ ۾ سوشل ميڊيا جو ڪردار جي عنوان تي هڪ ڏينهن واري ورڪشاپ

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور شاگردن جي صلاحيتن کي وڌائڻ جا وسيع موقعا فراهم ڪري رهي آهي: پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو

سوشل ميڊيا جا مثبت ۽ منفي پهلو آهن. سوشل ميڊيا جو مثبت استعمال رياست جي ترقي ۽ پائيدار امن ۽ مثبت تبديليءَ لاءِ وقت جي اهم ضرورت آهي

سوشل ميڊيا شهري تعليم، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ ڪاروبار کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي: ورڪشاپ کي خطاب

سکر(امداد علي گل ڪلوڙ)شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ پٽائي سوشل واچ ۽ ايڊوڪيسي (بسووا) خيرپور، ميڊيا ۽ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز شعبي، ايسوسيئيٽڊ پريس آف پاڪستان (اي پي پي) سکر ۽ ينگ پيس ڊولپمينٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

THE ROLE OF SOCIAL MEDIA
Prof. Dr. Khalil Ahmed

سکر: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جوري سي هڪ شاگرديائي کي سرٽيفڪيٽ ڏيندي

دولتپور ۾ پوليس اهلڪار سان انصاف نه ٿيو. انصاف جي گهر

دولت پور صفن (رپورٽر) دولتپور ۾ پوليس اهلڪار سان انصاف نه ٿيو سندس زمين تي هٿيار بندن پاران پيهر قبضو ڪري ورتو جڏهن ته متاثر پوليس اهلڪار تحفظ لاءِ پريس ڪلب پهچي ويو خبر موجب دولت پور جي پوليس ٿاڻي علي آباد جي هيڊ ڪانسٽيبل سينئير پوليس آفيسر طالب حسين ڪورائي جي خريد ڪيل زرعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڍهرڪي واسي نوجوان ناري ساهرن جي زيادتين خلاف پريس ڪلب پهتي

سس جي چرڻ تي مڙس، منهنجو سهرو ۽ ڏير مون مٿان وحشياڻو تشدد ڪندا آهن: عورت

مونکي تحفظ ڏئي مونسان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڍهرڪي واسي نوجوان ناري جو پنهنجي مڙس ،سس سهري ۽ ڏيرن جي تشدد کان تنگ ٿي انصاف جي لاءِ ايس ايس پي آفيس گهوٽڪي پهچي وئي وومين ڪمپلين سيل انچارج سب انسپيڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

مانجهند ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ زمينن جا معاوضا نه ڏيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مقامي ماڻهن ڪوئلي جي ڪوٽائي بند ڪرائي ريلي ڪڍي ڪمپني گيٽ آڏو تتهڻ اس ۾ 3 ڪلاڪ ڌرڻو هڻي ڇتي نعريبازي ڪئي وئي

سروي زمينن مان بنا ڪنهن معاوضي ۽ روزگار ڏيڻ جي زبردستي ڪوئلي جي ڪوٽائي ڪرائي رهيا آهن: مظاهرين جون دانهون

ڪمپني پاران پيئڻ جي پاڻي روڊ رستن تعليم صحت جي ڪا به سهولت نه ڏني سگهي آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) سنڌ لاڪڙا ڪول مائينز جي ٺيڪيدارن پاران مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ زمينن جا معاوضا نه ڏيڻ خلاف رهواسين جو ڪمپني جو گيٽ آڏو ڌرڻو ڪم بند انتظاميا تي ڪرڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جو الزام خونريزي جو خدشو تفصيل موجب سنڌ لاڪڙا ڪول مائينز جي ٻاچا خان ۽ ولي خان ٺيڪيدار ڪمپني جي مبينا ڏاڍائڻ ظلم ڏاهن خوف هراس معاوضا ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

مانجهند: مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ زمينن جا معاوضا نه ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽي ۾ چوري جي وارداتن ۾ ڪا به گهٽتائي نه اچي سگهي، پوليس خاموش

اٽچاٽل چور آمري اسٽاپ تي قائم دڪان جا تالا ٽوڙي قيمتي سامان ۽ روڪ رقم کڻي فرار ٿي ويا

اٽچاٽل چور صحافي نعيم جتوئي جي دڪان جا تالا ٽوڙي لکين روپين جو قيمتي سامان چوري ڪري ويا

ان کان اڳ به چور آمري اسٽاپ تي موجود دوڪانن مان پنکها ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ چوري جي وارداتن ۾ ڪا به گهٽتائي نه اچي سگهي، اٽچاٽل چور آمري اسٽاپ تي قائم دڪان جا تالا ٽوڙي قيمتي سامان ۽ روڪ رقم کڻي فرار سڄي ٺٽي وانگر آمري اسٽاپ به چورن جو ڳڙهه بڻجي ويو آهي هن علائقي ۾ به چوري جي وارداتن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي. رات دير سان اٽچاٽل چور صحافي نعيم جتوئي جي دڪان جا تالا ٽوڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ظلم جي هن نظام هر قسم جا حقوق فوري انصاف صرف حڪومتي ماڻهن لاءِ آهن: محمد حسين محنتي

عمران خان جي آرمي جي ڪجهه جنرلن سان اختلاف سبب سندس پي ٽي آءِ جي همدردن جو به فوج خلاف نفرت وڌي رهي آهي

صرف هنن کي غلام رکڻ جي لاءِ اڄ پي سي جا ملازمن جا معصوم ٻارڙا روڊن تي احتجاج ڪري رهيا آهن

ملڪ جي صورتحال نازڪ آهي ۽ چونڊيل نمائنده خاموشي جو اظهار ڪري رهيا آهن: تقريب کي خطاب

ڪراچي/ نواب شاهه (اسٽاف رپورٽر) 13 مئي 2023 جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته موجوده ٽوڙي اڳوڻن حڪمرانن جي ڪرپشن ۽ اقتدار جي حوس ملڪ کي ڪنگال ۽ 24 ڪروڙ عوام کي بدحال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي: امير جماعت اسلامي سنڌ محمد حسين محنتي اجتماع کي خطاب ڪندي

ڪراچي: ڪي اليڪٽرڪ پاران هٽرادو لوڊشيڊنگ شهري عوام سخت پريشان

سخت گرمي ۽ ڪي اليڪٽرڪ جي هٽرادو لوڊشيڊنگ شهري عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

ڳرا بل موڪلڻ ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪرڻ تي شهري عوام سخت ڪاوڙ جو اظهار

سخت گرمي ۽ بي پاسي هٽرادو لوڊشيڊنگ اسان غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: رهواسي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ سخت گرمي جي دوران ڪي اليڪٽرڪ پاران هٽرادو لوڊشيڊنگ شهري عوام سخت پريشان سخت گرمي ۽ ڪي اليڪٽرڪ جي هٽرادو لوڊشيڊنگ شهري عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو ڳرا بل موڪلڻ ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪرڻ تي شهري عوام سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ڪي اليڪٽرڪ جي اهڙي ظالماڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

اسلام ڪوٽ ۾ ڀيل برادري جي ماڻهن جو جهانگرو پوليس خلاف احتجاج

ڳوٺ الهياري ڀيل جي رهواسين چتون ڀيل، بچو ڀيل، شوڪي ڀيل، والجي ڀيل، نرسنگهه ڀيل ۽ ٻين احتجاج ڪيو

مخالف ڌر جي ماڻهن حملو ڪري اسان جي چتون ڀيل کي مارڪٽ ڪئي، جيڪو زخمي ٿي پيو: مظاهرين

منهنجو هن سموري معاملي سان ڪو واسطو ڪونهي هروڀرون منهنجو نالو ڪڍي بدنام ڪيو پيو وڃي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ ڀيل برادري جي ماڻهن جو جهانگرو پوليس خلاف احتجاج، ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جو الزام، خبرموجب: اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ الهياري ڀيل جي رهواسين چتون ڀيل، بچو ڀيل، شوڪي ڀيل، والجي ڀيل، نرسنگ ڀيل ۽ ٻين پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي دانهيو آهي ته اسان جو برادري جي ماڻهن سان زمين جي مالڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

اسلام ڪوٽ: ڀيل برادري جا ماڻهو جهانگرو پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

اٽي، لٽي ۽ اجهي کي زنده رکڻ لاءِ وس آهر هميشه عوام جي خدمت ڪندا رهنداسين: زبير جتوئي

سرڪار کي ٽئڪس ادا ڪريون ٿا ته سرڪار عوام کي بنيادي حقن کان محروم ڇو پيئي رکي، پارٽي اصولن جي پاسداري ڪندي پنهنجا حق وٺڻ لاءِ آخري دم تائين جدوجهد ڪندا رهنداسين

اسان ڪنهن هجوم جو حصو نٿا بڻجڻ چاهيون. اسان جي ملڪ مان گورنمينٽ سرونٽ واري ٽرينڊ کي ختم ٿيڻ کپي ۽ ملازم گورنمنٽ سرونٽ نه پر پبلڪ سرونٽ آهن

هن وقت ملڪ وڏي ڏکين حالتن مان گذري رهيو آهي ۽ ملڪ کي اهڙي حالت ۾ پهچائڻ جا ذميوار حڪمران آهن ملڪ مان اهڙي حڪمراني ختم ٿيڻ گهرجي

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) پ پ شهيد ڀٽو صوبي سنڌ جي صدر زبير جتوئي چيو آهي ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڏنل نعري اٽي، لٽي ۽ اجهي کي زنده رکڻ لاءِ وس آهر هميشه عوام جي خدمت ڪندا رهنداسين. اسان سرڪار کي ٽئڪس ادا ڪريون ٿا ته سرڪار عوام کي بنيادي حقن کان محروم ڇو پيئي رکي، پارٽي اصولن جي پاسداري ڪندي پنهنجا حق وٺڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

❊❊❊ روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي❊❊❊

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 14 مئي 2023ع

موبائل ڊيٽا سروس جي معطليءَ وارو غير دانشمندانو فيصلو

9 مئي تي عمران خان جي گرفتاريءَ کان پوءِ ٿيندڙ وڳوڙن کي جواز بڻائي حڪومت انٽرنيٽ موبائل ڊيٽا سروس معطل ڪري ڇڏي آهي، جنهن جي ڪري موبائل بينڪنگ، آنلائين ڪاروبار کي شديد ڌڪ رسڻ سان گڏ حڪومت جي ٽيڪس روينيو وصولي به شديد متاثر ٿي آهي. سوشل ميڊيا بند آهي، جنهن ڪري ماڻهن جي خبر تائين رسائيءَ وارو آئيني حق معطل آهي. موبائل انٽرنيٽ تي مختلف ايپس بند هجڻ جي ڪري نه صرف مختلف ڪاروباري شعبن سان سلهاڙيل ماڻهن جي ڏهاڙي متاثر ٿي آهي، پر آنلائن بينڪنگ، آنلائن بلن جي ادائيگي ڪندڙ واهپيدار ۽ عام واهپي جي شين جي خريداريءَ لاءِ موبائل ايپس جو استعمال ڪندڙ ماڻهو به شديد متاثر ٿي رهيا آهن. پر حڪومت ان سڄي نقصان کي ليکي ۾ نه آڻيندي رڳو ان خدشي سبب انٽرنيٽ موبائل ڊيٽا سروس معطل ڪري ڇڏي آهي ته ڪٿي اها وڳوڙن جي لاءِ استعمال نه ٿئي! گهڻن ڏينهن کان انٽرنيٽ جي بندش هاڻي دنيا ۾ به پاڪستان جي رسوائيءَ جو سبب بڻجي رهي آهي. آمريڪي سينيٽ جي خارجه تعلقات ڪميٽيءَ جي چيئرمين باب مينڊيز پاڪستان ۾ انٽرنيٽ جي ترت بحاليءَ جي گهر ڪندي چيو آهي ته، انٽرنيٽ جي بندش معلومات تائين رسائيءَ واري بنيادي حق کان عوام کي محروم رکڻ جي مترادف آهي. جڏهن ته گهرو معاملن جي وفاقي وزير چيو آهي ته، وڳوڙن ۾ ملوث ماڻهن جي گرفتاريءَ تائين انٽرنيٽ جي معطلي جاري رهندي.

ملڪ اڳ ئي معاشي ڏيوالپڻي جي ڇائنٽ تي بيٺو آهي، رڳو هڪ وک جي وٿي باقي رهيل آهي. پر حڪمرانن جي تازن قدمن مان اهو واضح ٿي چڪو آهي ته اهي انتظامي ڏاهپ جي غربت ۽ ڏيوالپڻي جو پڻ شڪار آهن ۽ اهي هر نئين ڏينهن هراس ۾ حواس وڃائي، پنهنجي ئي پڳهر ۾ ترڪي اهڙا قدم کڻي رهيا آهن، جيڪي ملڪ جي تباهيءَ جي تسلسل کي تيز کان تيز تر ڪندا پيا وڃن. انٽرنيٽ موبائل ڊيٽا سروس بند ڪري، سواءِ معاشي نقصان، انٽرنيٽ ايپس تي ڪم ڪندڙن کي مالي نقصان ڏيڻ، عوام کي رابطي ڪاريءَ واري حق ۽ آنلائن معلومات واري حق کان عوام کي محروم ڪرڻ جي، ٻيو ڇا حاصل ڪري ورتو آهي؟ 9 مئي کان وٺي وڳوڙ ته ٿيندا رهيا. سرڪاري ملڪيتن، انفراسٽرڪچر کي حڪومت تباهيءَ کان بچائي نه سگهي، حڪومتي انتظام جي مفلوج هجڻ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته وفاقي گاديءَ واري شهر ۽ ٻن صوبن ۾ انتظاميا جي مدد لاءِ فوج طلب ڪئي ويئي آهي. حڪومت تحريڪ انصاف جي اڳواڻن کي نقصِ امن جي خدشي سبب گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ اهو سلسلو اڃان به جاري آهي، ان جي باوجود وڳوڙ ۽ پرتشدد احتجاج ختم نه ٿي سگهيا آهن. انتظامي واڻٽائپ آهي، جيڪا هيٺ کان مٿي تائين هڪجهڙي نظر اچي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ انٽرنيٽ موبائل ڊيٽا سروس معطل ڪرڻ سان ڪهڙو فرق پيو سواءِ معاشي نقصان، ٽيڪس روينيو ۾ گهٽتائي ۽ عوام کي زحمت ڏيڻ جي؟ ٽيلي ڪام انڊسٽري موجب پاڪستان ۾ ساڍا 12 ڪروڙ واهپيدار موبائل انٽرنيٽ استعمال ڪندڙ آهن. واهپيدارن جي ايڏي وڏي تعداد کي معلومات تائين رسائي، آنلائن بينڪنگ، صحت، ايمرجنسي سروسز سميت مختلف سهولتن کان محروم ڪرڻ ڪٿي جي دانشمندي آهي؟ هتي ٽيلي ڪام ڪمپنين جو نقصان ته ڳڻجي رهيو آهي پر جن واهپيدارن پئسا ڀري مختلف ڪمپنين جا پئڪيج ڪرايا، جن جي استعمال ۾ انٽرنيٽ موبائل ڊيٽا سروس معطل ڪري رنڊڪ وڌي ويئي، ان نقصان جي به نه ڪٿ ڪئي وڃي! حڪومت پروپيگنڊائي هٿيار ۽ 'ففٿ جنريشن وار' جي اڳيان بيوس بڻيل آهي، ان معاملي جو ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان حل ڪڍڻ بدران حڪومت غير دانشمندانو قدم کڻندي انٽرنيٽ موبائل ڊيٽا سروس جي معطليءَ جي ذريعي ڊجيٽل خدمتن ۾ رخنو وڌو آهي. ان سان عالمي سطح تي پڻ حڪومت جي رسوائي ٿي رهي آهي.

هڪ پاسي وڳوڙين ملڪ جي معيشت، انفراسٽرڪچر کي نقصان پهچايو آهي، ٻئي طرف حڪومت پاڻ به معاشي استحڪام لاءِ قدم کڻڻ بدران تدبر کان خالي اهڙا فيصلا ڪري رهي آهي، جنهن سان اڳ ئي معاشي ڏيوالپڻي جي ڇائنٽ تي بيٺل ملڪ جي هڪ وک اڳتي وڌڻ ۾ دير ئي نه لڳندي. حڪومت طرفان انٽرنيٽ موبائل ڊيٽا سروس جي معطليءَ واري غير دانشمندانو فيصلي تي اسان تحفظات جو اظهار ڪندي اها گهر ڪرڻ ۾ حقي واجبي آهيون ته، ڇاڪاڻ انٽرنيٽ سروس تان فوري طور تي پابندي هٽائي سڄي ملڪ جي ساڍا 12 ڪروڙ واهپيدارن کي معلومات تائين رسائيءَ وارو حق ڏنو وڃي. انٽرنيٽ موبائل ڊيٽا سروس جي بحاليءَ سان مختلف موبائل ايپس ذريعي روزگار ڪندڙن کي معاشي نقصان کان بچايو وڃي.

مَتو آهين مچ، تلها تو تونا هٽين!

پروفيسر محمد صديق انڙ

سيني سڄڻ حلقن، اڪثر دانشورن ۽ ڪالم نويسن سالن کان خبردار ڪيو پئي ته، اها جيڪا ٿرڊ فورس تخليق ڪرڻ جي هٿرادو ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ان جي پيداوار اهو شخص آهي، جيڪو هميشه پنهنجي چاهيندڙن ۽ "عاشقن" کان هيرو واري حيثيت حاصل ڪندو آيو آهي. اهي Fanپل ته هندستاني فلمي هيروئنز هجن يا مغربي ملڪن جون حسين حُورون، توڙي ارب پتي ناريون، پنهنجو خاندان هجي يا ٽيم جا رانديگر ۽ سيليڪٽرا پلوڙ رانديگر، گورو رنگ، دراز قد ۽ سنڌس ئي اعتراف مطابق 'ڪاٺو بواءِ' ته هو ان کي هر وقت پرستش مثل تعريف جو خواهشمند رهندي 71 سالن جي عمر ۾ چاهيندو آهي ته سنڌس ٽي وي انٽرويوز ته تيز ۽ جاذب رنگ روشنين جي ماحول ۾ ٿيڻ گهرجن گڏهه ۽ گهوڙي، گدڙ ۽ شينهن وانگر ريساري رانديگر ۽ مدبر/سياستدان جي وچ ۾ به فرق ته هوندو اهڙي نامراد ڪوشش ڪندڙ به پنهنجي روايت مطابق هروپرو پنهنجي پيشي ۽ ذميواري جي ڪريز مان ٻاهر نڪري کيڏي رهيا هئا. 9 ۽ 10 مئي جي پرتشدد، دهشتگردي ۽ گوريلا جنگي ڪارروايون قانون قدرت مطابق 2014ع واري ڌرڻي ۽ 2017ع جي فيض آباد واقعي جو منطقي نتيجو آهن. جنهن جي مڪافات عمل ئي سمجهبو

آءِ ايم ايف جي دلاسن باوجود لڳ ڀڳ انڪار واري پسمنظر ۾ بين الاقوامي ريٽنگ ايجنسي موڊيز جي تجزيي مطابق بلومبرگ رپورٽ جي اڳڪٿي آهي ته. ماليات اداري سان معاهدو نه ٿيڻ جي صورت ۾ پاڪستان وٽ جُون کان پوءِ ٻاهرين قرضن لاءِ ڊالر نه هوندا ۽ ملڪ جو ڏيوالو نڪري ويندو، جيڪو هن وقت به نڪتل ئي سمجهجي. وزير خزانه جڻ ته ٻڌائي ڇڏيو ته آءِ ايم ايف جو باب بند ٿي ويو آهي. ملڪ ۾ سڀ ڪجهه لپ لڳو پيو آهي. ڊالر نه هئڻ سبب پيو ته ڇڏيو زندگي بچائڻ واريون دوائون به گهرائي نه پيون سگهجن. خود مون کي هر 12 ڪلاڪن کان پوءِ جيڪو مدافعتي نظام کي هٽ وٺي ڪمزور ڪرڻ خاطر اميونوسپريسنٽ ڪيپسول کاڻو هوندو آهي، اهو سڄي ملڪ مان ڳولڻ تي به نه پيو ملي.

جنهن جي نتيجي ۾ پيوندڪاري ڪيل جگر کي جسم جو خودڪار دفاعي نظام ٽڌي سگهي ٿو حڪومتِ وقت به انتهائي نا اهل ۽ ڪمزور ثابت ٿي رهي آهي. ملڪ ٻريو پئي ۽ صاحب برطانيه جي بادشاهه جو شان ۽ شوڪت ڏسڻ لاءِ ملڪ کان ٻاهر ويٺو رهيو اهڙي ڪسمپرسي جي حالت ۾ خانه جنگي جوڙي جيڪو نئون پاڪستان ناهي سگهجي ٿو اهو موجوده پاڪستان جي سلامتي ۽ وجود جي قيمت تي ئي نهي سگهجي ٿو عقل ۽ منطق کان خالي هٽ ڌرميا سياستدان ۽ جانبدار انصافي منصف ته اڄ 13 مئي تي به رٽ لڳايو ويٺا آهن ته پنجاب ۾ چونڊون سڀاڻي 14 مئي تي ڪرايو. رازدان وڪيل خواجه طارق رحيم ته سومر ڏينهن توهين عدالت لڳڻ جو ٻڌائي ڇڏيو آهي. ڪنهن سوچيو هو ته هڪ سياسي جماعت جي قيادت جي واضح منصوبه بندي. جيڪا سامهون اينڊز آڊيو ۽ ويڊيوليڪس مان ثابت به ٿي چڪي آهي. ڪور ڪمانڊر هائوس، جناح هائوس، جي ايڇ ڪيو چاغي ڌماڪن جي قومي يادگار، ائيربيسز ٻاهران رکيل ماڊل جنگي جهاز، ريڊيو پاڪستان، اي پي پي آفيس، اليڪشن ڪميشن جون آفيسون، بالاحصار قلعو، تيمره جو پبلڪ اسڪول ۽ اسڪولي ٻارن جون آهون، بين الاقوامي ڪار ڪمپنيءَ جو شوروم، قومي شاهراهون، پوليس ۽ انتظامي آفيسرن جا هيڊ ڪوارٽر وزيرن ۽ حڪومتي ميمبرن جا گهر، اسڪول ۽ ويندي ايڌي ايمبولينسون به برباد ڪري پيٽرول بمن ذريعي ساڙي به سگهجن ٿيون؟ پوليس وينز، ڦيٿين واريون ٽرڪون، ٽينڪر، پيپلز بس سميت مسافر گاڏيون، سرڪاري ملڪيتون ۽ عام شهري جو متاع ائين تباهه ۽ برباد ڪيو ويندو؟ ائين جو هوته هن جماعت جي ڪارڪنن جا اهي ساڳيا ٽارگيٽ هئا، جيڪي ٽي ٽي پي ۽ ٻين دهشتگردن جا هوندا آهن؟ جيڪي به هجي پر سڄو نقصان جنهن جو اندازو اٽڪل به ارب آهي. ان جو پئسو پائي ڏنڊ سميت وصول ڪرڻ ضروري آهي ۽ لاڳاپيل قانون مطابق سزا الڳ هجي. ميڊيا تي پيش ڪيل منظر ڪنهن دشمن ملڪ جي حملي کان پوءِ جا ڏيک لڳن ٿا. پڪ سان سيني کان وڌيڪ خوش به اهي هوندا. جيئن فوج جي تعلقات عامه جي بيان مان به عيان آهي. بيان ۾ چيو ويو ته "فوج تي منظم حملا ٿيا، دشمن 75 سالن ۾ جيڪو نه ڪيو اهو اقتدار جي حوس ۾ مبتلا سياسي گروهه ڪري ڏيکاريو پي ٽي آءِ سربراهه کي نيب جي پڌرائي ۾ قانون تحت گرفتار ڪيو ويو. شرپسندن فوج خلاف مهم هلائي ۽ عوام کي بدظن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، 9 مئي ملڪي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي". اسٽيبلشمينٽ کان سيني کان وڌيڪ شڪايتون سنڌ ۽ پوءِ بلوچستان وارن کي آهن. سنڌ ته عالمي شهرت ۽ حيثيت جي حامل اڳواڻ ذلفي ڀٽي جي سدائين "انصافي" صفت رکندڙ ججن جي ساٿ سان ڪيل عدالتي قتل جو سور سهي. دختر مشرق شهيد راڻي جي رت جا ريلا راولپنڊي جي روڊن تي روان ڪرڻ جي ڪهري ڪارروائي برداشت ڪري، سڄو ڀٽو خاندان قربان ڪرائي، چار دفعا وزير اعظمن جي قرباني پيش ڪري پوءِ به نعرو هنيو ته "پاڪستان کپي" "ماضي ۾ غدار قرار ڏنل صوبن ۽ عوام مان ته ڪنهن به اهڙو قهر ڪڏهن نه ڪيو هي هٽ جو تراشيل بت جلد ئي پاڻ کي اصل ڀڳوان سمجهڻ لڳو رانديگر هوندي به هٽ ڌرمي ڪندو هو ليڊر بڻايو ويو ته سنڌس فاشسٽ سوچ وارو اندر جو آمر ٻاهر اچي ويو سنڌس ڪابينه جي ميمبرن کي جرئت نه ٿي ته برطانيه جي نيشنل ڪرائيم ايجنسي جي ثابت ڪيل ناجائز 19 ڪروڙ پائونڊ دولت، جيڪا اڄ جي حساب سان اٽڪل 68/69 ارب ٿئي ٿي، بابت موڪليل لفافي کي کولرائي سگهن، جنهن جي ادائيگي قومي خزاني بدران ملڪ جي تمام طاقتور ۽ سخي سوداگر کي ڏئي ڇڏي. جنهن جو نالو کڻڻ جي جرئت حڪومت کي به نٿي ٿئي. پر چيو ويو ته اهو بدلي ۾ سنڌس "ليلا" کي نولکي هارن جا تحفا پيش ڪندو هو اهوئي ته نيب ڪيس آهي، جنهن ۾ گرفتاري تي ايڏو ممڻ مچي ڌرتي ڌامڻي ٿي وئي آهي. اتان کان اعليٰ عدليه ۽ خاص ڪري معزز چيف جسٽس جو ڪردار شروع ٿئي ٿو صرف ٻن ڏينهن ۾ انصاف سپر سونڪ رفتار سان سڀ بيريئر ٽوڙي ليڪ ٿيل اطلاعن مطابق هڪ رات اڳ ٿي طئي ٿيل فيصلي تحت خواجه طارق رحيم جي عين پيشنگوئي مطابق خان کي نيب جي اٺ روزه ڪسٽڊي مان ڪڍي شاهي مهمان جي اعزاز سان غريب ملڪ جي هرج خرچ تي مهمان بڻائي ڇڏيو آهي. خواجه اڳڪٿي مطابق اسلام آباد هاءِ ڪورٽ به ڪل اڳين پنهين ڪيسن ۾ هڪ ۽ Blanketضمانتون منظور ڪري ورتيون آهن. جنهن تي مخالف ته ڇا غير جانبدار مبصر به اعليٰ عدليه ۽ خود چيف صاحب جو نالو وٺي گستاخانه انداز ۾ واضح طرفداري جو الزام لڳائي رهيا آهن. اربين رپين جي مرسيڊيز ڪار ۾ آندل ملزم کي چاهت مان ڀليڪار ڪرڻ ۽ ويندي مهل وش يو گڊ لڪ جهڙا ٻاجهارا لفظ سو به عدالت ۾ ويهي اظهار اصل ۾ عدليه جي وقار ۾ گهٽتائي جو باعث بڻبي. نتيجي ۾ بدتميز مخلوق وڌيڪ بداخلاقي ڪرڻ ۾ حق بجانب نظر ايندي. باقي پٺي ٻڌل ٽنگ سو صفا ٺيڪ ٿي ويئي ۽ وهيل چيئر مان به جان ڇٽي. ڊاڪٽر فيصل سلطان ۽ شوڪت خانم اسپتال جي ناموس کي سوچي ڀرسي سگهي ٿي موصوف پهريون وزير اعظم ناهي، جنهن جي حڪومت ختم ڪئي وئي آهي ۽ نه پهريون وزير اعظم آهي، جيڪو گرفتار ٿيو هجي. هن کان اڳ حسين شهيد سهروردي کان وٺي هاڻي تائين اٺ وزير اعظم گرفتار ٿي جيل وڃي چڪا آهن. محلن ۾ رهندڙ جاءِ بدلجڻ سبب جڏهن جيل ۾ هوندا آهن ته شروع شروع ۾ سڀ ڪنهن کي ڪيتي ڪلاڪ رفع حاجت جي ضرورت نه به پوندي هوندي پراها ڪچي پهرئين دفعي ڪئي ويئي آهي. هن دفعي ٻيو فرق اهو آهي ته خان صاحب آئين ۽ قانون مطابق بي اعتمادي جي ووٽ ذريعي هٽايو ويو جڏهن ته هن کان اڳ هٽندڙ وزيراعظم بوٽ آئوٽ ٿيندا رهيا آهن. ڪڏهن بوٽن وارن طرفان ڪڏهن هٿوڙن وارن هٿان. پوءِ ايڏي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ڇا تي آهي؟

هڪ باخبر صحافي جو چوڻ هو ته، خان جي گرفتاري تي حقيقي عوامي سمنڊ اٿلڻ بدران سڄي ملڪ ۾ ڪل ملائي وڳوڙين جو تعداد چار کان پنج هزار هو عام خيال آهي ته اهڙي سفاڪ ۽ بيرحم هجوم ۾ طالبان عنصر انهن جا هم زبان رشتيدار ۽ سِڪي پني مليل مهانگين ٽڪيٽن وارن جا پولنگ اسٽيشنن تي جهيڙيندڙ ٽڪر ٽوڙ واٺا هئا. ڇو ته عام سپورٽر ايترو بيرحم نه هوندو آهي. رهيل ڪسر ڊاڪٽر ياسمين راشد جهڙن "مسيحائن" جي سرڪردگي ۾ باهه ڀڙڪائڻ جي عمل ۽ سال کان وڌيڪ عرصي تائين مير جعفر ۽ مير صادق جي لقبن سان نوازيل ملڪي ادارن خلاف منظم طريقي سان پکيڙيل نفرت هئي،. عوام ۾ اهڙو ته زهر ڀريو ويو هو جو اهي غداري مترادف هنگاما ڪري انهن جاين ۽ قومي نشانين کي برباد ڪيو ويو جتي ويندي به سيني جا پر سڙي ويندا هئا. ملڪي فوج سان ڀل ته ڪو به هزار اختلاف رکي پر ان هوندي به هر ڪنهن کي ياد رکڻ گهرجي ته مختلف زبان، تهذيب، ثقافت، زمين ۽ سوچ رکندڙ هن 25 ڪروڙ آبادي واري ملڪ کي، مخصوص قدرتي جيو اسٽريٽجڪ حالت ۾ صرف هڪ متحد قوم ۽ مضبوط، منظم فوج ئي اندرين ۽ ٻاهرين خطرن کان محفوظ رکي سگهن ٿا. موجوده پروپيگنڊا جو رخ ته خود اسٽيبلشمينٽ ۾ ويڇا وڌائڻ جي شعوري ۽ باضابطه ڪوشش سمجهي ويندي. سابق آرمي چيف جي پيش ڪيل "ڊاڪٽرائن" ۾ ففٿ جنريشن وار فيئر جي خطرن بيان ڪرڻ تي ڏاڍو زور هو عام خيال آهي ته ان ففٿ جنريشن وار جي تربيت جي نتيجي ۾ ئي اهي زومبي Zombie ڪردار هاڻي بي لغام ٿي ان ڏاري کي ڪٽڻ لڳا آهن. جنهن تي سنڌن به آکيرو آهي. سنگترا شن لاءِ به اهو سبق هجڻ گهرجي، جيڪو ڪم جنهن کي سونهين ان کي ڪرڻ ڏجي. ان خلفشار سبب اڄ سڄو ملڪ ڌڙن ۾ ورهائجي ويو آهي. مذهبي دهشتگردي سالن کان موجود هئي، هاڻي وري هِي فاشسٽ ڪلٽ نما سوچ رياستي ادارن کي به ورهائي ڇڏيو آهي. عدليه جا اختلاف اعليٰ ترين عدالت کان نڪري 10 مئي تي ٽيريان ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ سامهون اچي ويا، سپريم ڪورٽ بار ۽ پاڪستان بار پاڻ ۾ وڙهي وڃي ان عدالت ۾ پهتا آهن. جنهن جي مختلف بيانيل ڌڙن جي حمايت سبب هي ملڪ جا وڏا دماغ پاڻ ۾ گنڍجي ويا آهن. پيءُ پٽ پاڻ ۾ ۽ پائر هڪٻئي سان اختلاف رکن ٿا، پڪ ڄاڻجي ته گهڻن خاندانن جون خواتين به عمراني انقلاب سبب مڙسن سان ناهه ۾ نه هونديون. سڄو سماج ورهائجي چڪو آهي.

باقي عمران خان کي ڪڏهن به ڪنهن ٻاهرئين دشمن جي ضرورت نه هئي. سنڌس زبان، غرور ۽ خود پسندي ئي سنڌس دشمن آهن. هي اهو ٻچڙو آهي جيڪو نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهڻ جو شوق رکندو آهي. فارين فنڊنگ ڪيس هجي، توشه خانه جا معاملو هجي يا ٽيريان وائيٽ وارو قڏو هجي، سڀ اوپن اينڊ شٽ ڪيس آهن. هاڻوڪو نيب ڪيس به سڄو ڊاڪيومينٽيڊ آهي. عدالتي مهربانن جو ڪيتري تائين سهارو وٺبو؟ وڌ ۾ وڌ سيپٽمبر تائين؟ جيڪي خود به هاڻي "انصافي انصاف" ڏيڻ واري طاقت وڃائيندا وڃن پر اڄوڪي ڏينهن تائين گهٽائين ڪونه ٿا. نه پنهنجو مقام ياد ٿو رهي نه عدالت جي توقير! توهين عدالت جي ڪنهن پئي کي ته هاڻي ضرورت به ناهي رهي. ان کي ريئر نٽڪي هٽڪي نيٽ اچي توشه خانه واري چارج شيٽ ڪنڌ ۾ اٽڪي. رياست کان ڏاڍو ته ڪير به ڪونهي. آهي ته نصيبن وارو ۾ ٻڪري کي مان ڪب تڪ خير منائي گي. سنڌس نئين پاڪستان ۽ حقيقي آزادي جو مطلب واضح طرح سان موجوده رياست جي سلامتي، جي قيمت سان جڙيل آهي. جيڪو ته ٿيندو نظر نه پيو اچي. سنڌس ستارن جو جيڪو به زائچو ناهجي پر هن اڳواڻ جو سياسي مستقبل صفا روشن ڪونهي پر ڪنهن قدر بهتر ٿيڻ تي سنڌس جماعت جو وجود قائم رهڻ گهرجي. سياسي جماعتون پابندين سان ختم ٿيڻ بدران تاريون ڪيدي الاهي روپن ۾ وري اڳيان اچي وينديون آهن. باقي اصل پريشاني ملڪي استحڪام ۽ برباد معيشت جي بحالي بابت هجڻ گهرجي. موجوده معاشي مشڪلاتون پڪ سان ان کان گهٽ هجن ها، جيڪڏهن بيبي مريم نواز مفتاح اسماعيل کي ان عهدي تي هاڻي تائين برداشت ڪري ها، ناهلي ۽ اقربا پروري جي قيمت سڄي قوم ڀوڳي پيئي.

پاپوهي هيڪارَ، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
اَلَسـتُ بِرَبِّکُم، چَيائون جنهن وارَ:
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نه لهي.

مائرن جو عالمي ڏينهن جي حوالي سان

"امڙ جي جهولي، درسگاه جي مثل"

ٻنڌ ڪندي جي ڏکو ڪاڻ،
ڪنهن ڪٽي ٿي ڇاتيءَ لاڻ،
پيار منجهان ٿي پاڪر پاڻ،
منهنجي امڙ!

ترتيب: ڪاشف نوراني

ماءُ جي جهولي هڪ يونيورسٽي مثل آهي. اگر هڪ ماءُ پڙهيل لکيل ۽ باشعور هجي ته هن زمين تي ڪوبه فساد نه ٿيندو. پاڪستان هڪ بدنصيب ملڪ آهي، جتي اڻ اکر ناهن، ملڪ ۾ ڏگهو عرصو آمريتون هجڻ سبب اسان پنهنجي پاڻ تي سينسرشپ لڳائي ڇڏي آهي، سو هن معاشري کي ترقي ونرائڻ لاءِ صحت مند ۽ باشعور ماءُ جو هجڻ لازمي آهي.

امڙ زمين ۽ آسمان ته ڇا، ڪائنات جي عظيم هستي آهي، جنهن سان ڪا به ٻي هستي ڀيٽي نه ٿي سگهجي. جيڪو اهڙو ڀيٽ ڪندو سوچڻ ته چريائو چئبو ڇاڪاڻ ته امڙ اهڙو وجود آهي، جنهن جهڙو دنيا ۾ ٻيو ڪو وجود ناهي، ٻيو هر وجود ثانوي آهي. امڙ جي عظمت هر هستيءَ کان اتم آهي. ٻي ڪا به شيءِ ان جي عظمت سان ڀيٽي نه ٿي سگهجي. ٻئي طرف ٻيءَ هر شيءِ جي ڪا نه ڪا ڪٿ ڪري سگهجي ٿي، پر امڙ جي محبت جي ڪٿ ڪري ئي نه ٿي سگهجي... ماءُ جي محبت جو پورو احساس ان ماڻهوءَ کي ٿي هوندو آهي، جنهن کان ماءُ نندي رهيءَ ۾ ئي وڇڙي ويندي آهي ۽ پوءِ اهو ماڻهو سڄي جمار ماءُ جي محبت لاءِ تڙپندو رهندو آهي. ڪنهن سياڻي جو چوڻ آهي: "ماءُ جي محبت ۾ گهرائيءَ جو سمنڊ آهي. جنهن جي ماپڻ جو ڪو اوزار ڪا ڳالهه ناهي." اڄا به ڏسجي ته ماءُ جي محبت ڪائنات وانگر ڪشادي، وسيع ۽ کليل آهي. ان جي اڳيان ڪا محدوداٽ ناهي. هر هڪ ڪشادائي ان اڳيان گهٽ آهي. امڙ جي محبت اڳيان نوري سال يعني لائيٽ ايئر جا فاصلا به ڪمتر آهن. ماءُ جي مٺڙي نظر هر نندي مفاصلي کان ويجهي به آهي، ته هر وڏي مفاصلي کان وڏي به آهي. ان نظر جي پنهنجائپ ٻيءَ هر پنهنجائپ کان مٿاهين آهي. جنهن ماڻهوءَ کي ماءُ جي ممتا ميسر آهي، ان کي جڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي نعمت مليل آهي. امڙين کي محبت جي ڀيٽا رڳو ڪنهن هڪ ڏينهن تي پيش نه ٿي ڪري سگهجي. جيڪڏهن اسان پنهنجي زندگيءَ جو پل پل امڙين کي ارپيون تڏهن به سنڌن لاثاني محبت جي موٽ نه ٿا ڏئي سگهون. پر هي ڏينهن ان ڪري مائرن لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي ته جيئن اسان پنهنجين مصروف زندگين مان، ڪمن ڪارين جي گهٽائيءَ مان، هڻ وٺ جي گذرندڙ حياتيءَ مان، سال جي 365 ڏينهن مان جيڪڏهن صرف هڪ ڏينهن امڙين لاءِ وقف ڪيون ٿا ته اهو به سنڌن محبتن جي موٽ ۾ هڪ تحفو آهي هي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ماءُ جي اهميت کي چٽو ڪرڻ آهي، جيڪا زندگيءَ جي ڀڄ ڊڪ ۾ ڪٿي رهجائجي يا رهجي وئي آهي. اها اهميت جيڪا اسان نظر انداز ڪري ڇڏي آهي ۽ جنهن کي ياد ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي.

اهو ماڻهو خوش نصيب آهي جنهن جي ماءُ حال حيات آهي. ۽ اهو ماڻهو هڪ وڏي نعمت کان محروم آهي جنهن کان ماءُ وڇڙي وئي آهي يا جنهن ماءُ کي وساري ڇڏيو آهي. ۽ اهو ماڻهو ته تهائين بدنصيب ۽ انتهائي نفرت لائق آهي جنهن پنهنجيءَ ماءُ کي تڪليف ڏني آهي. ڪيس ڪو هڪڙو به اهنج رسايو آهي يا نظرانداز ڪيو آهي. جڏهن اسان جي ماءُ اسان کي نظرانداز نه ٿي ڪري، ته اسان ڪيئن ٿا اهڙو ڏکو ڪم ڪري سگهون! جيڪڏهن اسان کان اهڙي ڪا خطا ٿي آهي. ته اسان کي گهرجي ته بنا دير پنهنجيءَ امڙ جي پيرن ۾ ويهي، سنڌس مٺڙا هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي، ڪانئس ڀلي ته معافي نه به وٺون، رڳو ڪيس اهو چئون ته تون منهنجي جيجل آهين. جنهن مون کي جيئاپو ڏنو آهي، پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو آهي. آب حيات جهڙي ڇڄ پياري آهي. مان تنهنجي ئي ڪري اڄ موجود آهيان. مون کي پنهنجيءَ جهوليءَ ۾ پناهه ڏي... اوهان يقين ڪيو ته ماءُ اوهان کي اُف به نه چوندي ۽ اوهان کي پنهنجيءَ هنج ۾ سڪون سان سمهاري. وري به اوهان لاءِ دعائون گهرندي. هن کان اهو سڄو اڻ ڏنگو ورتاءُ وسري ويندو جيڪو اوهان ساڻس رکيو هوندو.

اڪثر ماهرن جي رپورٽن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن به ڪنهن گهر ۾ نياڻيءَ جو اولاد پيدا ٿيندو آهي ته ان تي ڪافي گهر وارن جي چهرن جا رنگ تبديل ٿي ويندا آهن ۽ هڪ دم سان انهن جي سوچ اهو به ڦيرو کائيندي آهي ته هيءَ الائي ڇا نصيب کڻي آئي آهي، اهي سوچون ته گهر جي ڪجهه ياتين جون هونديون آهن پر گهر جي وڏڙن کي اهو چوندي ٻڌو ويندو آهي ته نياڻي الله تعاليٰ جي رحمت هوندي آهي نه ڪا زحمت، ۽ نياڻي ته پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڇانوَ ۾ رهندي آهي، جتان هو سڀ ڪجهه سکندي آهي ۽ جڏهن اها ماءُ ٿئي ٿي ته پوءِ دنيا ۾ ٻيو ڪو به وجود ثانوي ٿي ويندو آهي.

ماءُ جون دعائون انسان جي مقدر جي تبديلي ۽ ترقيءَ جون ضامن هونديون آهن. مون کي پنهنجي امان ۾ دنيا جي هر ماءُ نظر ايندي آهي اهو هڪ وڏو ڪرشمو يا معجزو چئجي ته غلط نه ٿيندو دنيا جي ڪنهن به رشتي ۾ هرهنڌ ساڳيو ساءُ ملڻ ناممڪن آهي پر ماءُ اها واحد هستي آهي جيڪا ڀلي دنيا جي ڪهڙي به ٻولي، رنگ، نسل، قوم يا مذهب سان تعلق رکندي هجي پر ماءُ هر هنڌ ماءُ ئي نظر ايندي آهي، مٺڙي، سهاجهڙي، شفيق ۽ مهربان سنڌس ٻولي ڀاپوهه ڀري ۽ روپ رحمت سان سرشار ئي ملندو جن جي قدمن ۾ اسان جي جنت آهي. انهن کي سڄي جمار به ڀيٽا ڏيون تڏهن به سنڌن محبتن ۽ اوڄاڳن جو حق ادا نه ٿي سگهندو.

بقايا *** 01

ته اسان امن ۽ استحڪام لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکنداسين. هن قومي سلامتي کي پيش خطرن تي روشني وجهندي چيو ته امن ۽ استحڪام جي عمل کي خراب ڪندڙن جي ڪا جاءِ ناهي، پاڪ فوج جي ملڪيتن جي تقدس جي ڀڃڪڙي جي وڌيڪ ڪا ڪوشش برداشت نه ڪنداسين. سنڌس چوڻ هو ته 9 مئي (ڪاري ڏينهن) جي ڪارروائين جي سيني منصوبي سازن، مجرمل ماڻهن، انهن کي اڪسائيندڙن ۽ عمل ڪندڙن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين. آرمي چيف انفارميشن وار فيئر ۽ غلط فهميون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش بابت به آگاهه ڪيو ۽ چيو ته دشمن عنصرن طرفان هٿياربند فوجن کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، عوام جي سهڪار سان اهڙين ڪوششن کي ناڪام بڻائينداسين.

بقايا *** 02

، قيمتي شيون ۽ دستاويز چوري ڪندڙن خلاف قانون حرڪت ۾ اچي ويو آهي. هينئر تائين ڪيترن ئي ماڻهن جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي جن ڪور ڪمانڊر هائوس ۾ باهين، گهيراءُ ۽ ڀڃ ڊاهه جي پرتشدد ڪاروواين ۾ حصو ورتو شرپسندن خلاف دهشتگردي جي قلمن تحت ايف آءِ آرز داخل ڪيون ويون آهن. پرتشدد ڪارروائين ۾ ملوث شرپسند بارودي مواد، ڏنڊن، پٿرن ۽ پيٽرول بمن سان ليس هئا. ان سان گڏ ڪجهه اهڙا ماڻهو جنهن ملڪ جي ٻين علائقن ۾ ملڪي ملڪيتن کي نقصان پهچايو اهي به قانون جي گرفت ۾ اچي رهيا آهن.

بقايا *** 03

ويندي، وزيراعظم شهباز شريف چيو ته اهڙي قسم جو ڪم ڪوبه پاڪستاني سوچي به نٿو سگهي، اهڙي ڪريل حرڪت ڪندڙن کي قانون موجب سزا ڏني ويندي. ڪور ڪمانڊر هائوس، تاريخي جناح هائوس سڙي مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا آهن اهڙي واقعي تي سموري قوم ڏکويل آهي. هن چيو ته عمران نيازي ۽ سنڌس جٿا پاڪستان جي دشمنن کان گهٽ نه آهن جيڪو ڪم شرپسند 75 سالن ۾ نه ڪري سگهيا اهو پي ٽي آءِ جي شرپسندن ڪيو منصوبي تحت سرڪاري ملڪيتن کي نقصان پهچايو ويو ۽ شهيدن، غازين جي يادگارن جي بي حرمتي ڪئي وئي. وزيراعظم چيو ته اهڙن شرپسندن خلاف دهشتگردي جي انت واري عدالتن ۾ ڪيس هلايا ويندا. قانون وارو وزير دهشتگردي جي انت واري عدالتن جو انگ وڌائي. شرپسندن کي سزائون ڏيڻ جي لاءِ جيڪڏهن رات جو به ڪورٽون هلائڻيون پيون ته هلائينداسين. پوليس ۽ انتظاميه شرپسندن کي فوري طور تي گرفتار ڪري. خانه پوري قبول نه ڪنداسين.

بقايا *** 04

دوران شرجيل ميمڻ چيو ته ملڪ ۾ هن وقت به قانون آهن، جهڙي طرح عمران خان کي عدالت مان ضمانت ملي. ان تي پيپلز پارٽي جي جيالن ۾ ناءِ پکڙيل آهي شرجيل ميمڻ وڌيڪ چيو ته عمران خان پاڪستان جو سڀ کان وڏو بليڪ ميلر آهي.

بقايا *** 05

خاندان کي صبر وجميل جي لاءِ دعاگو آهيون.

بقايا *** 06

چيو ته پرڏيهه مان هتي پهتس ته خبر پئي ته تحريڪ انصاف جي عورتن سان گستاخي ڪئي وئي، چادر ۽ چارديواري جو تقدس پائمال ڪيو ويو مان ذاتي طور تي شرمنده آهيان اسان جي سياست ۾ اهڙين شين جي ڪابه گنجائش نه آهي. هن چيو ته چادر ۽ چارديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ جي ڪنهن کي اجازت نه ڏينداسين. جن فيمليز جو تقدس پائمال ٿيو مان انهن کان معافي چاهيان ٿو متاثر فيملي جي گهرن ۾ به وڃڻ لاءِ تيار آهيان. عثمان ڊار جي والده يا سنڌس ٻين ساٿين سان جيڪو ڪجهه ٿيو اهو منهنجي لاءِ شرم جوڳو آهي مون کي جيڪڏهن اجازت ڏني وئي ته ڀينرن ۽ ڌيئرن کان معافي گهرندس. خواجه آصف چيو ته نوازشريف کي سازش تحت ڪڍيو ويو نوازشريف سان جيڪو ڪجهه ٿيو ان ۾ اسٽيبلشمينٽ ۽ عدليه جو گٺ جوڙ هو اڄ اهي پاڻ شرمنده ٿي رهيا آهن. نواز جي سياست اڄ به زنده آهي ۽ سنڌس پاءِ وزيراعظم آهي. هن چيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن اڳ ملڪ جي حالتن کي تباهه ڪيو ويو اسان کي برباد ٿيل معيشت ملي هئي، 4 سال عمران خان ڦريندو رهيو هاڻ سنڌس پوٽلڳ عوام کي ڦري رهيا آهن. تحريڪ طالبان ۽ تحريڪ انصاف جي ايڇ ڪيو تي حملو ڪيو خواجه آصف چيو ته عدالت سگهوري جو چيف جسٽس چئي ٿو ته اوهان کي ڏسي تمام گهڻي خوشي ٿي، عدالت لاڏلي کي رليف ڏنو عمران خان کي اهڙن ڪيسن ۾ ضمانت ڏني وئي جيڪي قائم به ٿيا هئا، پارليامينٽ جيڪو به فيصلو ڪندي اهو سيني کي مڃڻو پوندو هن چيو ته اهو ڪهڙو انصاف آهي. ڪهڙيون عدالتون آهن. آصف زرداري جي ڀيڻ کي نظر بند ڪيو ويو شهباز شريف جي گهر جو گهيراءُ ڪيو ويو، ڪيس تيار ڪيا ويا، سموري خاندان کي عدالتن ۾ گهرايو ويو مون ڪڏهن به پنهنجن سياسي مخالفن کي نشانو ناهي بنايو اسان جي سياست ۾ ڪٿي به انتقام جو لفظ نه آهي.

بقايا *** 07

ڪيل اشتهار ۾ شهرين کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو جناح هائوس کي باهه ڏيندڙن جي نشاندهي ڪن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مدد ڪن. سڃاڻپ ڪندڙ ماڻهن جو نالو راز ۾ رکيو ويندو.

بقايا *** 08

، نيب سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، لائيو اسٽاڪ ۽ آبپاشي کاتي کان رڪارڊ طلب ڪري ورتو آهي نيب اختيارين مختلف کاتن کي لکيل خطن ۾ چيو آهي ته مراد سعيد خلاف رشوت، غير قانوني ڀرتين سميت ٻيون به شڪايتون آهن. جڏهن ته نيب لاڳاپيل آفيسرن کان مبينا غير قانوني ڀرتين بابت ڄاڻ گهري ورتي خط جي متن ۾ چيو ويو آهي ته مراد سعيد تي الزام آهن ته هن فرنٽ مين حميد ۽ فضل مولا ذريعي ملڪيت خريد ڪئي

بقايا *** 09

۽ سمورن ڪارڪنن جي نظربندي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو عدالت پي ٽي آءِ جي اڳوڻي وزير ياسمين راشد جي به نظربندي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪندي حڪم ڏنو ته ڊاڪٽر ياسمين راشد ڪنهن ڪيس ۾ گهربل نه آهي ته کيس آزاد ڪيو وڃي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس صفدر سليم شاهد درخواستن تي فيصلو جاري ڪندي سمورين عورتن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو

بقايا *** 10

سگهي، ايڊووڪيٽ جنرل ۽ ايڊيشنل اٽارني جنرل جو اهو موقف جارحاڻو آهي، اهڙي موقف جو مطلب اهي بنيادي حق ختم ڪرڻ آهي جيڪي جمهوري ۽ اسلامي رياست جو بنياد آهن. سوچي به نٿو سگهجي ته هڪ ذميوار حڪومت شهرين جي لاءِ انصاف جي پهچ ۾ رڪاوٽ وجهندي. عدالت آرٽيڪل 245 لاڳو ٿيڻ جي حوالي سان عدالت تائين پهچ جي نڪتي تي اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪندي مدد لاءِ طلب ڪري ورتو آهي. عدالت چيو ته ايڊووڪيٽ جنرل ۽ ايڊيشنل اٽارني جنرل لاڳاپيل فورم احتساب عدالت جي هجڻ جو اعتراض اٿاريو عمران خان کي سپريم ڪورٽ جي حڪمن تي هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو ايڊووڪيٽ جنرل ۽ ايڊيشنل اٽارني جنرل جو اعتراض صحيح نه آهي. هاءِ ڪورٽ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجرز جي تحت ڪيس ٻڌڻ جو اختيار رکي ٿي.

بقايا *** 11

رهيو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪامران ٽيسوري چيو ته عمران خان جي گرفتاري تي پي ٽي آءِ ڪارڪنن جو ردعمل پاڪ فوج ڏانهن ڇو هو؟ هن چيو ته عمران خان اڳ ۾ پاڪستان لاءِ ۽ هاڻ ٻين لاءِ کيڏي رهيو آهي، هو ملڪ لاءِ سيڪيورٽي رسڪ آهي ۽ سنڌس ايجنڊا رڳو پاڪ فوج کي بدنام ڪرڻ آهي. سنڌس چوڻ هو ته چيف جسٽس جوابدار جي آجيان ڪرڻ جي نئين روايت وڌي آهي. هاڻ ان تي قائم رهڻو پوندو، اينڊز ڪوبه جوابدار بڪتربند نه مرسيڊيز ۾ گهرايو ويندو، عمران خان کي اين آر او ملي چڪو آهي.

بقايا *** 12

حساس علائقن جي ڪيو ويو. جنهن دوران مختلف هوٽلن، گهرن ۽ عمارتن کي چيڪ ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته ڪيترن ئي ماڻهن جا ڪاغذ چيڪ ڪيا ويا، جڏهن ڪيترائي حراست ۾ آهن، جن کي ٿاڻن تي منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 13

آهي ته مئي جو آخري هفتو انتهائي خطرناڪ نظر اچي رهيو آهي، گهڻو ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. عمران خان جي راند ختم ٿيندي نظر اچي رهي آهي جڏهن ته پي ڊي ايم جو ارادو هو ته حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪري 8 آڪٽوبر تي چونڊون ڪرايون وڃن. منظور وسان پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو ته هن وقت ملڪ جون حالتون اهڙيون آهن جو هن سال چونڊون ٿيندي نظر نه ٿيون اچن. ممڪن آهي ته ملڪ ۾ اتحادي حڪومت نهي ۽ اهو به ممڪن آهي ته اليڪشن هڪ سال لاءِ ملتوي ڪئي وڃي. آئين ۾ ترميم ڪري واڌ ڪري سگهجي ٿي. پ پ اڳواڻ چيو ته سياستدانن کي صبر ۽ ڏاهپ سان فيصلا ڪرڻ گهرجن. عمران خان وٽ وقت هو پر هن اهو به ضايع ڪيو پي ٽي آءِ هاڻي پهريان واري پارٽي نه رهندي، اليڪشن ۾ به ڪجهه ماڻهو حصو وٺندا.

بقايا *** 14

ڪرڻ ۾ ڪافي پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي پي ٽي اي ان حوالي سان چيو آهي ته اڃان تائين سوشل ميڊيا جي بحالي جون هدايتون نه مليون آهن. حڪومت پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ 9 مئي تي سڄي ملڪ ۾ انٽرنيٽ سروس محدود ڪري ڇڏي هئي. انٽرنيٽ جي بندش سبب 3 ڏينهن دوران آءِ ٽي سيڪٽر کي 10 ارب روپين جو نقصان ٿيو جڏهن ته ٽيليڪام سيڪٽر کي اڍائي ارب روپين جو نقصان ٿيو آهي. ٽيليڪام انڊسٽري جي ذريعن جو چوڻ آهي ته حڪومت جي ٽيڪس آمدني ۾ تقريبن 86 ڪروڙ روپين جو نقصان ٿيو

بقايا *** 15

جهيڙي دوران پيش آيو جهيڙو پاڙيسرين وچ ۾ ٿيو هو پوليس ٻڌايو ته جهيڙي دوران محبوب تي فائرنگ ڪئي وئي، ڪيس جنگهه ۾ گولي لڳي ۽ گولي محبوب کي زخمي ڪندي 6 ورهين جي ٻار کي لڳي، جنهن جي نتيجي ۾ هو مارجي ويو. جڏهن ته هن ٻيو شخص به زخمي ٿيو

بقايا *** 16

آپريشن 12 مئي جي شام دهشتگردن جي حملي کي ناڪام ڪرڻ لاءِ شروع ڪيو ويو هو ڪليئرنس آپريشن 13 مئي جي صبح مڪمل ڪيو ويو آهي آءِ ايس پي آر موجب يرغمالين کي بچائڻ لاءِ آپريشن شروع ڪيو هو ان سان گڏ ئي هڪ رهائشي بلاڪ مان 3 خاندانن کي بچائڻو هو دهشتگردن جي ارادن ٻارن کي به بخش نه ڪيو ڪمپائونڊ ۾ موجود سمورا 6 دهشتگرد مارجي ويا آهن جيڪي هٿيارن سان ليس هئا. آءِ ايس پي آر موجب رابطن جي خبر لڳائڻ ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ انٽيليجنس فالو اپ جاري رکيو ويندو ڪليئرنس آپريشن دوران هڪ شهري سميت قوم جا 7 پٽ شهيد ٿي ويا جڏهن ته هڪ عورت سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. سيڪيورٽي فورسز قوم سان ملي بلوچستان جي امن، استحڪام ۽ ترقي کي ختم ڪرڻ جي سمورين ڪوششن کي ناڪام بڻائڻ جي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا *** 17

لالچ کي آرام نه ملي ها ته ان کي بوتل ۾ بند ڪيو وڃي ها. گهرو وزير چيو ته هن پارٽي تي پابندي لڳائڻ کانسواءِ ٻيو ڪو حل ناهي. جيڪڏهن سنڌن رويو اهڙوئي رهيو ته افسوس سان چوڻو پوندو ته اسان کي مجبور ٿيڻو پوندو. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي راڻا ثناءالله چيو ته ان کي عوامي ردعمل نٿو چئي سگهجي، هي دهشتگردن جو ٽرين آهي جيڪو فتنو عمران خان ڏنو هن انتشار ۽ فساد لاءِ ماڻهن کي تربيت ڏني. هن چيو ته هي ڪو احتجاج ناهي پر ان دوران دڪانن کي ڦريو ويو احتجاج ڪيو ويو، دڪان ۽ مال مارڪيٽن کي ڦريو ويو هن چيو ته جانورن کي به باهه ڏني وئي، سرڪاري ملڪيت کي ساڙيو ويو قائداعظم هائوس کي سوئي تائين لٽيو ويو ۽ پوءِ باهه ڏني وئي. هن چيو ته اها سڄي قوم لاءِ ڏک ۽ افسوس جي ڳالهه آهي ته ملڪ جو 60 ارب روپين جي ڦرلٽ ڪندڙ شخص وٽ دستاويزي ثبوت آهن ۽ هو اهو به نٿو چئي سگهي ته مون چوري ناهي ڪئي. عمران خان ان قومي ڦرلٽ تي 7 ارب جي زمين حاصل ڪئي. پنهنجي ڳالهه جاري رکندي هن چيو ته عمران خان عوام جا 60 ارب رپيا چوري ڪيا. شهزاد اڪبر به ارب رپيا چوري ڪيا. هن چيو ته هي شخص پنهنجي ماڻهن کي چوندو رهيو ته جيئن مون کي گرفتار ڪيو وڃي توهان کي اهڙو مظاهرو ڪرڻو پوندو. وفاقي وزير چيو ته هن شخص جي ملڪيت تي حملو ڪيو ويو حساس ملڪيتن تي حملا ڪيا ويا، بئنڪن کي ڦريو ويو قومي ملڪيت کي باهه ڏني وئي. هن وڌيڪ چيو ته جڏهن انهن سمورن واقعن جو جوابدار چيف جسٽس جي سامهون ايندو آهي ته هو خوش آمديد چوندا آهن جڏهن ته ان کانپوءِ اهڙو رليف ڏنو ويندو آهي جيڪو پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪنهن کي نه ڏنو ويو هو راڻا ثناءالله چيو ته جڏهن چيف جسٽس ڀليڪار ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪري ٿو ته پوءِ هاءِ ڪورٽ جي ججن وٽ ڪهڙو اختيار بچيو آهي. هن چيو ته هڪ شخص 10 سالن تائين عام طور تي ۽ گذريل هڪ سال خاص طور تي دهشتگردن کي تيار ڪيو ۽ ڪيس چيو ويو ته جڏهن ڪيس گرفتار ڪيو وڃي ته ان کي ان طريقي جو مظاهرو ڪرڻو پوندو هن چيو ته اسان چوندا هٿاسين ته هي آهي فتني، هن فتني کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ گهرجي ۽ ووٽ جي طاقت سان ان کي گهٽايو وڃي نه ته ملڪ سانحو ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته هن فتني جي نشاندهي ٿي چڪي آهي، هاڻي ان کي سمجهڻ گهرجي. حڪومت انهن دهشتگردن جو احتساب ڪندي ۽ ڪنهن کي به بخش نه ڪيو ويندو گهرو وزير چيو ته انهن شرپسندن جو احتساب ڪيو ويندو هن چيو ته قوم ان فتني کي سڃاڻي ۽ ان جو احساس ڪري. گهرو وزير چيو ته عدالت انهن ڪيسن ۾ به ضمانت ڏني جن جو اڃا ڪيس داخل ناهي ٿيو انهن ڪيسن ۾ به ضمانت ڏني وئي جيڪي ڪنهن اداري جي ذهن ۾ هوندا. حڪومتي حڪمت عملي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ راڻا ثناءالله چيو ته اسان اهو اختيار انهن ماڻهن کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ استعمال ناهي ڪيو هن چيو ته حڪومت پنهنجي رٽ کي بچي ۽ ٽئين ڏينهن به اٿرائتو ٻڌايو جڏهن ته 11 مئي تي سڄي ملڪ ۾ 12 کان 13 هنڌن تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا، جنهن ۾ 4 کان 6 هزار ماڻهن شرڪت ڪئي، راڻا ثناءالله چيو ته جيڪڏهن لاڏلي کي ان ڏينهن ايترو وڏو رليف نه ملي ها ۽ اينڊز ڏينهن ان رليف جي بدلي ۾ وڌيڪ رليف نه ملي ها ته شايد هڪ ٻن ڏينهن ۾ هي فتنا بوتل ۾ بند ٿي وڃي ها. هن اهو به چيو ته ان سلسلي ۾ اسان جي جمهوري جدوجهد جاري رهندي.

بقايا *** 18

جيڪڏهن نٿو ڪرڻ چاهي ته نه ڪري اسان ان جي مطالبي تي وڌيڪ مشڪل فيصلا نٿا ڪري سگهون. مئي ۽ جون ۾ 3.7 ارب ڊالر جي ٻاهرين ادائيگين جو پلان آهي. ان ادائيگين ۾ ڪابه پريشاني نه آهي. صحافين سان ڳالهيون ڪندي ناڻي واري وزير چيو ته انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ جيترا اڳوات قدم کڻڻ لاءِ چيو اهي سمورا قدم کڻي ورتا آهن هاڻ وڌيڪ قدم نٿا کڻي سگهون. هن چيو ته آءِ ايم ايف کي معاهدو ڪرڻو آهي ته ڪري، جيڪڏهن نٿو ڪرڻ چاهي ته نه ڪري، ان جي مطالبي تي اتان وڌيڪ مشڪل فيصلا نٿا ڪري سگهون. هن اميد ظاهر ڪئي ته چين پاڪستان کان وڌيڪ 2.4 ارب ڊالرن جو قرض رول اوور ڪري ڇڏيندو.

بقايا *** 19

نقصان رسيو آهي. عمراني پراجيڪٽ عوام جي برين واش ڪئي. ان جا نتيجا پوري قوم ڀوڳي رهي آهي، هن چيو ته ملڪ ۾ آئيني بحران جو سبب عمران نيازي آهي، جنهن رياستي ادارن کي صرف پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ استعمال ڪيو ۽ صورتحال ان حد تائين پهچي وئي آهي. ملڪ جا اهم آئيني ادارا به ڏوڙي رهيا آهن. جنهن ڪري انصاف ۽ تحفظ ٻنهي جي ضرورت ختم ٿي رهي آهي. ناصر شاهه چيو ته عمران نيازي آر ايس ايس جي طرز تي دهشتگرد پيدا ڪيا آهن جن ملڪ جي اعليٰ سيڪيورٽي ادارن جي ملڪيتن کي نشانو بڻايو آهي. عمران خان ملڪ جي آرمي چيف کي نشانو بڻائي پارٽي ۽ اسرائيلي آقا جو مقصد پورو ڪري رهيو آهي. هن چيو ته هاڻي تعميراتي منصوبي کي هٿي وٺرائڻ ۽ سهولتڪارن خلاف سچائي ڪميشن قائم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي ۽ هي سچائي ڪميشن نه رڳو سمورن اهم ادارن مان ڪرپٽ ذهنيت رکندڙ ڪردارن کي هٽائي پر انهن جي نفسياتي علاج جو به بندوبست ڪري. هن چيو ته عمران خان خان صاحب ملڪ جي سلامتي لاءِ مسلسل خطرو بڻجي رهيو آهي، جيڪو ملڪي مفاد لاءِ ناقابل تلافي نقصان آهي. هن چيو ته پنهنجي ڏوهن کي لڪائڻ لاءِ عمران خان عوام لاءِ ڀال ٻڌيل آهي ۽ حيرت جي ڳالهه اها آهي ته هن لاڏلي کي گهربل فيصلو ملي ٿو جنهن سان عوام کي اشتعال انگيز ٿي ملڪ ۾ افراتفري جو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي.

بقايا *** 20

سمورين وڊيوز جاري ڪري ڇڏيندس. حريم شاهه پاران ڪيل ڌمڪي واري ٽوئيٽ کان پوءِ سنڌس نالو ٽوئٽر تي ٽاپ ٽرينڊز ۾ شامل ٿي ويو آهي. صارفين طرفان ان تي تبصرا ڪيا پيا وڃن. ڪيترن ئي صارفين ٽڪ ٽاڪر کي مشورو ڏنو آهي ته هو وڊيوز جاري ڪري ڇڏي جڏهن ته ڪيترن ئي حيرت جو اظهار ڪيو ته حريم شاهه وٽ راڻا ثناءالله جون به وڊيوز موجود آهن. اها گهرو وزير لاءِ فڪر جوڳي ڳالهه آهي. ياد رهي ته پنجاب جي گهرو وزارت جي حڪم تي پي ٽي آءِ سڄي ملڪ ۾ انٽرنيٽ سروس معطل ڪئي آهي جنهن تي عوام کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا *** 21

جيڪڏهن شادي قانوني هئي ته ٻيهر نڪاح ڇو پڙهايو ويو؟ جج سوال ڪيو ته عمران خان جو نڪاح ته لاهور ۾ ٿيو آهي پوءِ اسلام آباد جي سيشن عدالت جو اختيار ڪيئن بڻجي ٿو درخواستگذار جي وڪيل راجا رضوان عباسي جا دليل مڪمل ٿيڻ کان پوءِ عدالت عمران خان خلاف غير شرعي نڪاح جي الزام جو ڪيس ٻڌڻ جوڳو هجڻ بابت فيصلو محفوظ ڪري ورتو جيڪو اڄ 2 وڳي ٻڌايو ويندو.

بقايا *** 22

احتجاج ۽ پرتشدد واقعن کان پوءِ سنڌ جي گهرو وزارت صوبي ۾ تازن باهين ۽ گهيراءُ جي الزام ۾ گرفتار ماڻهن کي ٿري ايم پي او جي تحت هڪ مهيني جي لاءِ نظر بند رکڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب ڪراچي ۾ باهين، گهيراءُ جي الزام ۾ گرفتار پي ٽي آءِ ڪارڪنن کي لاڙڪاڻي سکر ۽ جيڪب آباد سميت ٻين جيلن ۾ رکيو ويندو جڏهن ته ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ جي احتجاج دوران گرفتار ماڻهن جو انگ 400 کان وڌي ويو آهي.س

بقايا *** 23

.اختيارين جو چوڻ آهي ته ڌماڪي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته ڌماڪي کانپوءِ علائقي کي ڪوڙ چاڙهيو ويو آهي.

بقايا *** 24

جي دعا ڪئي. ناصر شاهه حميد سومرو سميت سمورن سوگوار پونئرن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا *** 25

واري علائقي ۾ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو فائرنگ ۾ اريبلو ڪلهوڙو مارجي ويو اطلاع تي پوليس پهچي مقتول جو لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو ٻن ڌرين ۾ تڪرار تان پيش آيو آهي، وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. ذميوارن خلاف ايڪشن ٿيندو

بقايا *** 26

اڳوڻي ڊي جي ايس بي سي اي افتخار قائمخاني سودو 6جوابدارن عدالت ۾ ضمانت جون درخواستون داخل ڪرايونعدالت جوابدارن جي ضمانت بابت درخواستن تي دليل مڪمل ٿيڻ بعد فيصلو محفوظ ڪري ورتي ضمانت جي درخواستن تي فيصلو 16 مئي تي ٻڌايو ويندو. ريفرنس جي ٻڌڻي 27مئي تائين ملتوي ڪئي وئيعدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته عمران خان جي حڪومت ۾ پي ٽي آءِ ۾ ضم نه ٿيڻ تي اسان تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويوهن چيو ته عمران خان جي حڪومت پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چيو انڪار ڪيو ته نيب ۾ ڪيس ڪيو ويو پيپلز پارٽي جي حڪومت اسان کي آدمشماري ۾ ڳڻڻ لاءِ تيار ناهي

بقايا *** 27

چيو آهي ته ڏک جي هن گهڙي ۾ سنڌس پونئرن سان گڏ آهيون. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم جي مغفرت فرمائي ۽ سوگوار پونئرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

بقايا *** 28

جي تصديق ناهي ڪئيگهه ٿاڻي جي حد RD17انڊس هاءِ وي تان ڪجهه ڏينهن اڳ مسافر گاڏين مان هٿياربند 2 ڄڻن کي اغوا ڪيو هوپوليس موجب ايس ايس پي ڪشمور محمد صادق اوچ جي اڳوائي پوليس گهجهي اطلاع تي گيهلپور جي ڪچي ۾ ڇاپو هنيوپوليس دعويٰ ڪئي آهي ته دوست علي دمدموت ڪارروائي ڪري حضور بخش گرگيج ۽ عبدالوهاب گرگيج کي بازياب ڪرايو

بقايا *** 29

آهنلائيا اسٽاپ وٽ احتجاج بعد ڌرڻو گهارو ساڪرو مين روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ بند ٿي وئيمظاهرين چيو ته شهر ۾ سرعام منشيات جو ڪاروبار ٿي رهيو آهي. پوليس ڪا به ڪارروائي نه پئي ڪريمظاهرين مطالبو ڪيو آهي ته منشيات جو ڪاروبار بند ڪرائي نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو وڃي، ٻي صورت ۾ تحريڪ هلائي ويندي

بقايا *** 30

آهيسيده سحر گل فاضلاني چيو آهي ته حاجاڻا ۽ شاهه برادري جي بااثر ماڻهن اسان جي حويليءَ جي زمين تي قبضو ڪري ورتو آهي، آواز اٿارڻ تي منهنجي ڪردار ڪشي ڪئي پئي وڃيهن ڏانهيو ته حويليءَ مان لکين روپين جو سامان چوري ڪيو ويو آهي، دانهون ڪرڻ تي متوماره ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃنحسين شاهه فاضلاني سنڌ ۽ پاڪستان جي پهرين فلم عمر ماروي ناهي هئي، حسين شاهه فاضلاني فلم ۾ سنڌ جي حڪمران عمر جو ڪردار ادا ڪيو هو

بقايا *** 31

چيو ته پرڏيهه مان هتي پهتس ته خبر پئي ته تحريڪ انصاف جي عورتن سان گستاخي ڪئي وئي، چادر ۽ چارديواري جو تقدس پائمال ڪيو ويو مان ذاتي طور تي شرمنده آهيان اسان جي سياست ۾ اهڙين شين جي ڪابه گنجائش نه آهي. هن چيو ته چادر ۽ چارديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ جي ڪنهن کي اجازت نه ڏينداسين. جن فيمليز جو تقدس پائمال ٿيو مان انهن کان معافي چاهيان ٿو متاثر فيملي جي گهرن ۾ به وڃڻ لاءِ تيار آهيان. عثمان ڊار جي والده يا سنڌس ٻين ساٿين سان جيڪو ڪجهه ٿيو اهو منهنجي لاءِ شرم جوڳو آهي مون کي جيڪڏهن اجازت ڏني وئي ته ڀينرن ۽ ڌيئرن کان معافي گهرندس. خواجه آصف چيو ته نوازشريف کي سازش تحت ڪڍيو ويو نوازشريف سان جيڪو ڪجهه ٿيو ان ۾ اسٽيبلشمينٽ ۽ عدليه جو گٺ جوڙ هو اڄ اهي پاڻ شرمنده ٿي رهيا آهن. نواز جي سياست اڄ به زنده آهي ۽ سنڌس پاءِ وزيراعظم آهي. هن چيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن اڳ ملڪ جي حالتن کي تباهه ڪيو ويو اسان کي برباد ٿيل معيشت ملي هئي، 4 سال عمران خان ڦريندو رهيو هاڻ سنڌس پوٽلڳ عوام کي ڦري رهيا آهن. تحريڪ طالبان ۽ تحريڪ انصاف جي ايڇ ڪيو تي حملو ڪيو خواجه آصف چيو ته عدالت سگهوري جو چيف جسٽس چئي ٿو ته اوهان کي ڏسي تمام گهڻي خوشي ٿي، عدالت لاڏلي کي رليف ڏنو عمران خان کي اهڙن ڪيسن ۾ ضمانت ڏني وئي جيڪي قائم به ٿيا هئا، پارليامينٽ جيڪو به فيصلو ڪندي اهو سيني کي مڃڻو پوندو هن چيو ته اهو ڪهڙو انصاف آهي. ڪهڙيون عدالتون آهن. آصف زرداري جي ڀيڻ کي نظر بند ڪيو ويو شهباز شريف جي گهر جو گهيراءُ ڪيو ويو، ڪيس تيار ڪيا ويا، سموري خاندان کي عدالتن ۾ گهرايو ويو مون ڪڏهن به پنهنجن سياسي مخالفن کي نشانو ناهي بنايو اسان جي سياست ۾ ڪٿي به انتقام جو لفظ نه آهي.

بقايا *** 32

لالچ کي آرام نه ملي ها ته ان کي بوتل ۾ بند ڪيو وڃي ها. گهرو وزير چيو ته هن پارٽي تي پابندي لڳائڻ کانسواءِ ٻيو ڪو حل ناهي. جيڪڏهن سنڌن رويو اهڙوئي رهيو ته افسوس سان چوڻو پوندو ته اسان کي مجبور ٿيڻو پوندو. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي راڻا ثناءالله چيو ته ان کي عوامي ردعمل نٿو چئي سگهجي، هي دهشتگردن جو ٽرين آهي جيڪو فتنو عمران خان ڏنو هن انتشار ۽ فساد لاءِ ماڻهن کي تربيت ڏني. هن چيو ته هي ڪو احتجاج ناهي پر ان دوران دڪانن کي ڦريو ويو احتجاج ڪيو ويو، دڪان ۽ مال مارڪيٽن کي ڦريو ويو هن چيو ته جانورن کي به باهه ڏني وئي، سرڪاري ملڪيت کي ساڙيو ويو قائداعظم هائوس کي سوئي تائين لٽيو ويو ۽ پوءِ باهه ڏني وئي. هن چيو ته اها سڄي قوم لاءِ ڏک ۽ افسوس جي ڳالهه آهي ته ملڪ جو 60 ارب روپين جي ڦرلٽ ڪندڙ شخص وٽ دستاويزي ثبوت آهن ۽ هو اهو به نٿو چئي سگهي ته مون چوري ناهي ڪئي. عمران خان ان قومي ڦرلٽ تي 7 ارب جي زمين حاصل ڪئي. پنهنجي ڳالهه جاري رکندي هن چيو ته عمران خان عوام جا 60 ارب رپيا چوري ڪيا. شهزاد اڪبر به ارب رپيا چوري ڪيا. هن چيو ته هي شخص پنهنجي ماڻهن کي چوندو رهيو ته جيئن مون کي گرفتار ڪيو وڃي توهان کي اهڙو مظاهرو ڪرڻو پوندو. وفاقي وزير چيو ته هن شخص جي ملڪيت تي حملو ڪيو ويو حساس ملڪيتن تي حملا ڪيا ويا، بئنڪن کي ڦريو ويو قومي ملڪيت کي باهه ڏني وئي. هن وڌيڪ چيو ته جڏهن انهن سمورن واقعن جو جوابدار چيف جسٽس جي سامهون ايندو آهي ته هو خوش آمديد چوندا آهن جڏهن ته ان کانپوءِ اهڙو رليف ڏنو ويندو آهي جيڪو پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪنهن کي نه ڏنو ويو هو راڻا ثناءالله چيو ته جڏهن چيف جسٽس ڀليڪار ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪري ٿو ته پوءِ هاءِ ڪورٽ جي ججن وٽ ڪهڙو اختيار بچيو آهي. هن چيو ته هڪ شخص 10 سالن تائين عام طور تي ۽ گذريل هڪ سال خاص طور تي دهشتگردن کي تيار ڪيو ۽ ڪيس چيو ويو ته جڏهن ڪيس گرفتار ڪيو وڃي ته ان کي ان طريقي جو مظاهرو ڪرڻو پوندو هن چيو ته اسان چوندا هٿاسين ته هي آهي فتني، هن فتني کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ گهرجي ۽ ووٽ جي طاقت سان ان کي گهٽايو وڃي نه ته ملڪ سانحو ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته هن فتني جي نشاندهي ٿي چڪي آهي، هاڻي ان کي سمجهڻ گهرجي. حڪومت انهن دهشتگردن جو احتساب ڪندي ۽ ڪنهن کي به بخش نه ڪيو ويندو گهرو وزير چيو ته انهن شرپسندن جو احتساب ڪيو ويندو هن چيو ته قوم ان فتني کي سڃاڻي ۽ ان جو احساس ڪري. گهرو وزير چيو ته عدالت انهن ڪيسن ۾ به ضمانت ڏني جن جو اڃا ڪيس داخل ناهي ٿيو انهن ڪيسن ۾ به ضمانت ڏني وئي جيڪي ڪنهن اداري جي ذهن ۾ هوندا. حڪومتي حڪمت عملي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ راڻا ثناءالله چيو ته اسان اهو اختيار انهن ماڻهن کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ استعمال ناهي ڪيو هن چيو ته حڪومت پنهنجي رٽ کي بچي ۽ ٽئين ڏينهن به اٿرائتو ٻڌايو جڏهن ته 11 مئي تي سڄي ملڪ ۾ 12 کان 13 هنڌن تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا، جنهن ۾ 4 کان 6 هزار ماڻهن شرڪت ڪئي، راڻا ثناءالله چيو ته جيڪڏهن لاڏلي کي ان ڏينهن ايترو وڏو رليف نه ملي ها ۽ اينڊز ڏينهن ان رليف جي بدلي ۾ وڌيڪ رليف نه ملي ها ته شايد هڪ ٻن ڏينهن ۾ هي فتنا بوتل ۾ بند ٿي وڃي ها. هن اهو به چيو ته ان سلسلي ۾ اسان جي جمهوري جدوجهد جاري رهندي.

بقايا *** 33

ويندي، وزيراعظم شهباز شريف چيو ته اهڙي قسم جو ڪم ڪوبه پاڪستاني سوچي به نٿو سگهي، اهڙي ڪريل حرڪت ڪندڙن کي قانون موجب سزا ڏني ويندي. ڪور ڪمانڊر هائوس، تاريخي جناح هائوس سڙي مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا آهن اهڙي واقعي تي سموري قوم ڏکويل آهي. هن چيو ته عمران نيازي ۽ سنڌس جٿا پاڪستان جي دشمنن کان گهٽ نه آهن جيڪو ڪم شرپسند 75 سالن ۾ نه ڪري سگهيا اهو پي ٽي آءِ جي شرپسندن ڪيو منصوبي تحت سرڪاري ملڪيتن کي نقصان پهچايو ويو ۽ شهيدن، غازين جي يادگارن جي بي حرمتي ڪئي وئي. وزيراعظم چيو ته اهڙن شرپسندن خلاف دهشتگردي جي انت واري عدالتن ۾ ڪيس هلايا ويندا. قانون وارو وزير دهشتگردي جي انت واري عدالتن جو انگ وڌائي. شرپسندن کي سزائون ڏيڻ جي لاءِ جيڪڏهن رات جو به ڪورٽون هلائڻيون پيون ته هلائينداسين. پوليس ۽ انتظاميه شرپسندن کي فوري طور تي گرفتار ڪري. خانه پوري قبول نه ڪنداسين.

بقايا *** 34

آهي ته مئي جو آخري هفتو انتهائي خطرناڪ نظر اچي رهيو آهي، گهڻو ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. عمران خان جي راند ختم ٿيندي نظر اچي رهي آهي جڏهن ته پي ڊي ايم جو ارادو هو ته حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪري 8 آڪٽوبر تي چونڊون ڪرايون وڃن. منظور وسان پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو ته هن وقت ملڪ جون حالتون اهڙيون آهن جو هن سال چونڊون ٿيندي نظر نه ٿيون اچن. ممڪن آهي ته ملڪ ۾ اتحادي حڪومت نهي ۽ اهو به ممڪن آهي ته اليڪشن هڪ سال لاءِ ملتوي ڪئي وڃي. آئين ۾ ترميم ڪري واڌ ڪري سگهجي ٿي. پ پ اڳواڻ چيو ته سياستدانن کي صبر ۽ ڏاهپ سان فيصلا ڪرڻ گهرجن. عمران خان وٽ وقت هو پر هن اهو به ضايع ڪيو پي ٽي آءِ هاڻي پهريان واري پارٽي نه رهندي، اليڪشن ۾ به ڪجهه ماڻهو حصو وٺندا.

بقايا *** 35

سمورين وڊيوز جاري ڪري ڇڏيندس. حريم شاهه پاران ڪيل ڌمڪي واري ٽوئيٽ کان پوءِ سنڌس نالو ٽوئٽر تي ٽاپ ٽرينڊز ۾ شامل ٿي ويو آهي. صارفين طرفان ان تي تبصرا ڪيا پيا وڃن. ڪيترن ئي صارفين ٽڪ ٽاڪر کي مشورو ڏنو آهي ته هو وڊيوز جاري ڪري ڇڏي جڏهن ته ڪيترن ئي حيرت جو اظهار ڪيو ته حريم شاهه وٽ راڻا ثناءالله جون به وڊيوز موجود آهن. اها گهرو وزير لاءِ فڪر جوڳي ڳالهه آهي. ياد رهي ته پنجاب جي گهرو وزارت جي حڪم تي پي ٽي آءِ سڄي ملڪ ۾ انٽرنيٽ سروس معطل ڪئي آهي جنهن تي عوام کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا سنڌيار 01

پيپري، سائين محبوب علي شاهه، مولوي رياض احمد ٻهلڪاڻي،خان محمد ملڪ عرفان الله ڪوسو ڪري رهيا هئا.ان موقعي تي مٿن اڳوڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڪنڌڪوٽ شهر ۾ امن جو پکي اڏامي ويو آهي اهوڏينهن خالي ڪونه آهي جنهن ڏينهن ڪنهن کي اغوا نه ڪيو هجي، هن چيو ته صبح سويري ڏاڙيلن ڇڇڻ ميراڻي برادري جي ماڻهن کي اغوا ڪري ڪڻي ويا آهن ۽ سندس مغوين جي گهر ۾ ماتم برپا ٿي ويو آهي،هنن چيو ته سنڌ حڪومت نوٽيس وٺي امن ڪرائڻ نه ته احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 02

موجب خيرپور ناٿن شاهه ۾ 12 آڪٽوبر 2022 نوري آباد بس سانحي ۾ مغيري برادري جي هڪ خاندان جا شهيد ٿيندڙ 19 ڀاتين جي وارثن پاران انصاف نه ملڻ خلاف پريس ڪانفرنس ڪئي. پريس ڪانفرنس ۾ مغيري برادري جي شهيد ٿيندڙ وارثن مزن علي مغيري , امداد علي مغيري، برڪت علي مغيري ۽ ٻين ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته 2022 جي مهاٻوڏ خيرپور ناٿن شاهه واسين لاءِ قيامت صغران جا منظر پيش ڪيا ان دوران واپسي وقت نوري آباد وارو سانحيو ڪنهن کان وسرندڙ نه آهي جنهن سانحي ۾ مغيري برادري جي هڪ ئي خاندان جا 19 گهر ڀاتي سڙي خاڪ ٿي ويا هئا سانحي جي خبر سڄي دنيا ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي وزيرآعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه شهيدن جي وارثن وٽ تعزيت لاءِ پهتو وزير آعلي سنڌ شهيدن جي وارثن جي مالي سهائتا لاءِ فلڊ فوڪل پرسن فياض ٻٽ کي پابند ڪيو هو پر 8 مهينا گذرڻ جي باوجود به وزير اعلي سنڌ جي حڪمن کي ٽڏي ڇڏيو ۽ شهيد جي وارثن کي ڪوڙا دلاسا ڏيندو رهيو جيڪا هن وقت به ان جي مالي سهائتا نه ٿي سگهي آهي هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ وزير آعلي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته پنهنجي ڪيل واعدن کي وفا ڪئي وڃي ۽ شهيد ٿيل وارثن سان انصاف ڪري انهن جي مالي سهائتا ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 03

پرائمري اسڪول جي ڪمرن ۽ ورانڊي جي ڇت ڍهي پٽ پئجي وئي پٽين ۾ ڏار پئجي ويا، اسڪول ۾ تدريسي عمل سالن کان بند پيل. استاد ۽ ڳوٺاڻن عمارت پرسان جهوپڙي اڏي تدريسي عمل شروع ڪري ڇڏيو. سخت گرمي ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب شاگردن جي تعليم سخت متاثر، ان ڏس ۾ پرائمري اسڪول جاڙو ڪنڌاڙو ۾ مقرر استاد شوڪت سومرو اسانجي رپورٽر کي ٻڌايو ته اسڪول ۾ مقرري کان پوءِ 6 مهينن کان جهوپڙي ۾ اسڪول هلائي رهيو آهيان. هن چيو ته اسڪول جي عمارت ڍهڻ ڪري اسڪول بند پيل هو، هن وقت 25 ٻار اسڪول ۾ داخل آهن جن کي تعليم ڏئي رهيو آهيان. هتان جي ڳوٺاڻن ۽ پرائمري اسڪول جي استاد سنڌ حڪومت صوبائي وزير تعليم، سجاول جي ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي، ته ڳوٺ جاڙو ڪنڌاڙو ۾ پرائمري اسڪول جي بلڊنگ ٺهرائي ڏني وڃي، ته جيئن قوم جا معمار بهتر طريقي سان تعليم حاصل ڪري سگهن.

بقايا سنڌيار 04

زمين مٿان ڪورائي برادري جي ماڻهن هٿيارن جي زور تي بيهر قبضو ڪري ورتو ڪنهن به وقت وڏي خونريزي جو انديشو آهي پنهنجي زمين تي برداري جي ماڻهن پاران ڪيل قبضي ۽ موتمار ڌمڪيون ملڻ خلاف طالب حسين ڪورائي نيشنل پريس ڪلب دولت پور پهچي احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته اٽڪل 6مهينا اڳ تعلقي مورو جي ديهه خيرو ديرو ۾ محمد علي لغاري کان پيسن عيوض 11 ايڪڙ ڪچو ويسا زمين خريد ڪئي هئي جنهن تي مختلف 10 کان وڌيڪ ٿاڻن تي ڏوهه گهربل جوابدار مبين ڪورائي سڪندر عرف فوجي ڪورائي مصطفي ڪورائي راشد ڪورائي هٿيارن جي زور تي منهنجي زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا منع ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته اسان لغاري برداري کان زمين خريد ڪئي آهي جيڪي اڃان حال حيات آهن انهن کان به پڇي سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو ته اسان برداري توڙي علائقي جي ماڻهن کي ڪافي دفعا ڏانهون ڏنيون پر هوءِ ڌر ڪوبه عمل نٿي ڪري ۽ امن امان بگاڙڻ ۾ آهن هن وڌيڪ چيو ته اسان غريب مسڪين ۽ شريف ماڻهون آهيون اسان جهيڙو نه ٿا ڪري سگهون اسان امن امان چاهيون ٿا هن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ڊي سي نوشهروفيروز ۽ ڊي سي نواب شاهه کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو ته منهنجي زمين تي قبضو ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري مون کي انصاف ڏيارڻ سان گڏ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 05

يو جي جاويد جتوئي،جنرل سيڪريٽري ايس يو جيزڪججج احقر رضوي، صدر ڪورٽ رپورٽرز ايسوسي ايشن سڪرسليم سهتو، ۽ ٻين چيو ته 1مئي پي ايف يو جي پاران آزادي صحافت جي ڏهاڙي تي سڄي ملڪ ۾ مختلف ميڊيا هائوسز پاران ملازمن جي جبري برطرفي ۽ پگهارون نه ملڻ خلاف، قلم جي مزدورن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو پيو وڃي، جيو انتظاميا پاران ڪراچي يونين آف جرنلسٽس جي صدر فهيم صديقي کي ميڊيا ورڪرز جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ تي ڪيس ڪڍي ڇڏيو آهي اسان مزدورن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندڙن سان گڏ آهيون هڪ طرف ملڪ ۾ معاشي بحران آهي ته ٻئي طرف ميڊيا هائوسز پاران مزدورن جو معاشي قتل عام، ميڊيا جي ملازمن کان زبردستي نوڪريون کسي سندن گهرن جو چلهو ٺڏو ڪيو پيو وڃي، ميڊيا مالڪن جو آمرانو رويو جاري آهي ۽ مزدور دشمن پاليسيون جاري آهن. هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته برطرف ڪيل سمورن ميڊيا جي ملازمن کي بحال ڪيو وڃي.احتجاج ۾ سحرش ڪوکرجميل مغل، فريد سومرو، جهانزيب وسير،ايز مغل، راجا شاهد، نعيم غوري ۽ وڏي انگ ۾ ٻيا صحافي شامل هئا.

بقايا سنڌيار 06

مان غيرقانوني گرفتاري ڪانپوءِ ملڪ ۾ ٿيندڙ وگوڙن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي شهيد ٿيل ڪارڪنن کي ايثال ثواب پهچائڻ خاطر انصاف يوٿ ونگ پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي پاران قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ شهيد ٿيندڙ ڪارڪنن جي لاءِ دعا ڪئي وئي انهي موقعي تي پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي سينيئر اڳواڻ سيد امجد شاهه - انصاف يوٿ ونگ حيدرآباد ڊويزن جي جوائنٽ سيڪريٽري سيد زاهب شاهه - ضلعي ٺٽي جي صدر سيد شهمير شاهه - جنرل سيڪريٽري شاهزيب شيخ - وڪيل سلمان شاهه - سجاد بروهي پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جص نائب صدر سائين گل جاويد درس - مراد ساٿي - حاجي رفيق جوکيو سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 07

وسطڙو استاد ذوالفقار علي سومرو ۽ ٻين چيو ته ٽزيري عملو قبلودرست ڪري اها سڌي سئين دهشد گردي آهي پستل ڪڍي استادن کي سڌيو گوليون فورن انهن بد مست ٽيزري آفيسرسميت سموري عملي خلاف دهشد گردي ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي توهان کي استادن جو پگهارون ڏيٽيون آهن توهان نوڪرآهيو نوڪر ٿي رهو حڪومت سنڌ کان مطالبو آهي ته فورن انهن دهشتگرد ٽيزري آفيسرن کي سسپنڊ ڪري استادن مان بي چيني دور ڪئي وڃي ور نه سموري سنڌ ۾ تحريڪ هلائي ويندي

بقايا سنڌيار 08

گورنمينٽ مڊل اسڪول بوائز شوڪت آباد محرابپور ۽ پسگردائيءَ جي هلندڙ تدريسي عمل لاءِ رڪاوٽ بڻيل، هي اسڪول مختلف اسڪولن جي عمارتن ۾ شام جي شفٽ ۾ هلايو ويندو آهي، جيڪو مختلف اسڪولن مان ٿيندو گورنمينٽ اردو پرائمري اسڪول بوائز لائين پار محرابپور ۾ آرڊر ڪرائي شفٽ ڪيو ويو جتي اڳ ئي صبح جو بوائز ۽ شام جو گرلس اردو پرائمري اسڪول هلندڙ آهي جڏهن ته شام واري شفٽ ۾ 2001 کان گورنمينٽ اردو گرلس پرائمري اسڪول منظور ٿيل آهي جنهن ۾ هڪ اندازي موجب 7 ڪمرن ۾ 250 کان مٿي نياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن ۽ تقريبن 16 عورت ٽيچرمقرر ٿيل آهن. اهڙي گنجيل اسڪول اندر شام واري ساڳي شفٽ ۾ وري خانه بدوش مڊل اسڪول شوڪت آباد جي شامل ٿيڻ سان نياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿيڻ لڳي ۽ عورت ٽيچرس جي اسڪول ۾ مرد استادن ۽ شاگردن جي موجودگي سبب تعليمي سرشتي سان گڏوگڏ عورتن ٽيچرس جي بي پردگي پڻ سخت مونجهارا پيدا ڪري وڌا ۽ گرلس پرائمري اسڪول جي هيڊ مسٽريس ۽ والدين جي شڪايت کي مدنظر رکندي ڊائريڪٽر اسڪولز شهيد بينظير آباد 28.12.2022 تي هڪ ليٽرجاري ڪري خانا بدوش مڊل اسڪول شوڪت آباد کي گورنمينٽ تعمير ملت هاءِ اسڪول محرابپور جي شام واري شفٽ ۾ منتقل ڪري ڇڏيو، جنهن بعد مڊل اسڪول شوڪت آباد جي هيڊ ماسٽر محمد علي ملڪ به روپيا ڀري بيهر ڊائريڪٽر آفيس مان 8.5.2023 تي ساڳيو آرڊر ڪينسل ڪرائي اچي گرلس اردو پرائمري اسڪول جي هيڊ مسٽريس سميت اسٽاف کي داٻا ڏئي بيهر عمارت اندر ويهڻ جي ڪوشش ڪئي، هوڏانهن گرلس اسڪول جي هيڊ مسٽريس ميڊيا آڏو ڏانهيندي ٻڌايو ته مڊل ڪلاس جي جوان شاگردن ۽ مرد استادن ڪري اسان جو اسڪول سخت متاثرٿي رهيو آهي ۽ ٻاهرين ماڻهن جي اچ وڃ سبب بي پردگي ٿي رهي آهي، هنن مطالبو ڪيو ته خانا بدوش مڊل اسڪول شوڪت آباد کي ڪنهن ٻئي اسڪول ۾ منتقل ڪري عورت ٽيچرس جو جائز مطالبو پورو ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 09

سيال، سينئر صحافي غلام قادر سومرو،محمد بخش جويو، ميان غلام حسين فاتح، مختيار ڦلپوٽو،ارشد راجپوت،نواب خان سيال، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سيد ساجد حسين شاهه سميت صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب جي ميزبان صحافي شاهد نواز سيال آجياڻي وارو خطاب ڪندي آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا , سالگرهه تقريب کي خطاب ڪندي غلام عباس پنهيرو، خان محمد خان،غلام قادر سومرو ۽ ٻين چيو ته عبيد شاهه جيلاني جون صحافتي دنيا ۾ بيشمار خدمتون آهن، عبيد شاهه محنتي،ڏاهو ۽ برجستو صحافي آهي،عبيد شاهه صحافت، اسٽبليشمينٽ , سياست سميت مختلف مڪتب فڪر جي فورم تي سٺا دوست پيدا ڪيا آهن. عبيد شاهه ڪيترن ئي سالن کان يونين آف جرنلسٽ جي ضلعي فورم تان صحافين جي ليڊرشپ جو مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن تي کيس جس ڏيون ٿا. عبيد شاهه اهو واحد نوجوان صحافي آهي جنهن معاشري ۾ عزت جو اعليٰ مقام حاصل ڪيو آهي،اميد ٿا ڪريون ته عبيد شاهه مستقبل ۾ نيشنل ۽ انٽرنيشنل سطح جي صحافتي تنظيمن ذريعي صحافين جي حقن جي آواز کي اٿارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. ان موقعي تي عبيد شاهه جيلاني صحافين سان گڏجي پنهنجي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيندي چيو ته اڄ خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان ته منهنجا استاد،سينئر ۽ جونيئر صحافي دوست مون کي مان ڏئي رهيا آهن،انهن جو ٿورائتو آهيان. عبيد شاهه جيلاني چيو ته صحافت مقدس ۽ سٺو پيشو آهي، پر افسوس آهي جو ڪجهه ماڻهون صحافتي پليٽ فارم کي غلط استعمال ڪري صحافت کي بدنام ڪن ٿا، جنهن جي خلاف ادارن کي نوٽيس وٺڻ گهرجي، عبيد شاهه چيو ته ميڊيا ملڪ جو چوٿون ٿنڀ آهي پر وفاقي توڙي صوبائي حڪومت ميڊيا جي ادارن ۽ ورڪرن کي مضبوط بنائڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ناهن ورتا، هن چيو ته مقامي،صوبائي ۽ ملڪي سطح تي صحافتي ڌڙن کي اختلاف ختم ڪري اتحاد ڪرڻ گهرجي، اتحاد ئي ڪاميابي جو بهترين رستو آهي، ان کان اڳ عبيد شاهه جيلاني کي سنڌ جو ثقافتي تحفو بوسڪي جو پٽڪو ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا، ان موقعي تي جميل بلوچ، رجب شينو ; مزمل زيدي،صوفي اسحاق،گلزار منگي،نصرالله ڪيڙو، فياض شيخ، محمد علي ملاح، محسن پٽي، نعيم شاهه،انيس ابڙو،تسليم مغل، عامر عباسي، سرائي شهباز سيال،شعيب چنو،الهداد رند، شفيق منگي،پروان علي، سيد مختيار شاهه،زبير سومرو، جميل جويو ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا سنڌيار 10

گذريل چوويهن ڪلاڪن ۾ چار ماڻهو اغوا ڪشمور پوليس ڌوهارين جي رٽ کي منهن ڏيڻ ۾ مڪمل ناڪام ڪنڌڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد جي علائقي چمني شاخ پرسان مڇي فارم تي پهرو ڏيندڙ ٽن نوجوان فيصل ميراڻي عرفان ميراڻي ۽ علي جان ميراڻي کي اٺ کان وڌيڪ هٿياربند ڏاڙيلن مبينه اغوا ڪري فرار ٿي ويا وارثن کي واقعي جي اطلاع ملڻ بعد ميراڻي برادري جا ڪيترائي ماڻهوهٿيار کڻي پيري پويان نڪري پيا آهن پر هن مهل تائين ڪين ڪابه ڪاميابي نه ملي سگهي آهي ٻئي پاسي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ رواني ٿي وئي واضح رهي ته ڪالهه شام دير سان ڏاڙيل ان ئي علائقي مان بابر ميراڻي نالي نوجوان کي به اغوا ڪري ويا هئا ضلعي ڪشمور مان اغوا ٿيل مغوين جو انگ ٽيه کان وڌيڪ ٿي ويو اغوائن جي وڌندڙ وارداتن سبب علائقي ۾ خوف پکڙيل آهي ۽ ماڻهو گهرن ۾ رهڻ کي ترجيح ڏين ٿا

بقايا سنڌيار 11

لاش اسپتال منتقل ڪيو آهي جتي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويندو پوليس موجب واقعو پراڻي دشمني سبب پيش آيو وڌيڪ جاچ جاري آهي ٻئي پاسي نوجوان جي مارجڻ سبب علائقي ۾ خوف واري صورتحال آهي ڌريون مورچا بند ٿيل آهن خونريزي جو خطرو وڌي ويو آهي

بقايا سنڌيار 12

ٻڌايو ويو آهي انٽيليجينس جي اهلڪارن سان ملي ڪري صالح پٽ ۾ ڪارروائي ڪئي سون جنهن ۾ هي جوابدار سليپنگ سيل طور ڪم ڪري رهيا هئا هن چيو ته هي ڪنهن جي ڪمانڊ تي ڪم ڪندا آهن جاچ ڪري رهيا آهيون : ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جو وڌيڪ چوڻ هو ت دهشتگردي طور ڪم ڪندڙ جوابدار صالح پٽ جي وارياسي علائقي ۾ هندستاني باڊر سان گڏ ڪم ڪري رهيا هئا هن سان گڏ چار ٻيا جويدار به آهن جن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون ڪيو پيو وڃن هن چيو ت آر ڊي ايڪس دهشتگردي ۾ ڌماڪن لاءِ استعمال ٿيندو آهي گرفتار جوابدار جو تعلق پابندي پيل تنظيم بي ايل اي جي بلوچستان سان آهي : ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ وڌيڪ چيو ته جوابدارپائنڊ خان وٽان 10 ڪلو آرڊي ايس ۽ ٻيا هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آهن دهشتگردن ۾ جيڪي جوابدار گرفتار ٿين ٿا انهن خلاف ڪيس درست انداز ۾ داخل ڪري رهيا آهيون2

بقايا سنڌيار 13

سيد شاهه حسن بادشاهه جي قبرستان تي ٻااثرن پاران زبردستي قبضي خلاف ڳوٺاڻن گل محمد، لغاري، خدابخش لغاري، الهجايو لغاري ،عاشق علي لغاري، ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جي پرسان قديمي درگاهه سيد شاهه حسن بادشاهه جو قديمي قبرستان آهي جيڪو مختلف برادرين جو گڏيل قبرستان آهي پر ڪجهه بااثرن ماڻهن جن ۾ علي نواز لغاري، عجيب لغاري، امجد لغاري، مجيد لغاري، ۽ ٻين پاران قبرن جي بيحرمتي ڪن ٿا غير قانوني طور تي قبرستان جي قيمتي وڻن جي ڪٽائي ڪري زمين آباد ڪري رهيا آهن منع ڪرڻ تي هو اسان کي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏين ٿا هنن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ پڻ حڪم ڏنو آهي ته قبرستانن جي زمينن تان ناجائز ۽ غير قانوني قبضا ختم ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪري مٿن سخت کان سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد سميت سيني وسوارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جي ڳوٺ ماٽڪ لغاري جي قديمي درگاهه سيد شاهه حسن بادشاهه جي قبرستان تان فوري طور تي قبضو ختم ڪرائي قبضا مافيا خلاف سخت کان سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت مظاهرين پاران احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 14

پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو پهتي جتي صحافين سان ڳالهائيندي سول سوسائٽي ٺٽو جي اڳواڻ عزيز سرواڻ - شهير قريشي - ٺٽو بچايو تحريڪ جي اڳواڻ دلاور شيخ - جمشيد قريشي - لالا غفار ۽ ٻين چيو ته ٺٽي ۾ ايشيا جون 3 پاڻي جون ڍنڍون هوندي به ٺٽي جي شهرين کي پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسايو پيو وڃي جڏهن ته ڪينجهر ڍنڍ ٺٽي ۾ هوندي ڪراچي وارن کي روزانو لکين ايڪڙ پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي پر ڍنڍ جي ڪناري تي ويٺل ڌرتي ڌڻي اڄ مري رهيا آهن سندن احتجاج گذريل ٻن مهينن کان مسلسل جاري آهي پر ٺٽي جي سياسي حڪمران ڌر ۽ چونڊيل نمائندن تي ڪو به فرق نٿو شهرين مطالبو ڪيو آهي ته شهرين کي پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سندن اهو احتجاج تيستائين جاري رهندو جيستائين ٺٽي کي ڪي ڊي واهه ڪينجهر مان پاڻي ٺٽو مهيا وڃي سندن احتجاج مسلسل جاري رهندو

بقايا سنڌيار 15

جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا فائرنگ جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب شبير چاچڙ ڌر جو 35 ورهين جو نوجوان شهمير چاچڙ ٽڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي ٻنهي ڌرين وچم هن وقت به فائرنگ جو سلسلو هلندڙ آهي جنهن سبب مارجي ويل نوجوان جو لاش واقعي واري هنڌ تي پيل آهي اطلاع ملڻ بعد حد جي پوليس واقعي واري هنڌ ڏانهن رواني ٿي وئي آهي واضح رهي ته پنج سال اڳ چاچڙ برادري جي ٻن ڌرين شبير چاچڙ ڌر ۽ عيسو چاچڙ ڌر وچم زميني جي مالڪي تان جهيڙو ٿيو هو جنهن ۾ هن وقت تائين مجموعي طور تي ٻنهي ڌرين جا ڇهه ڄڻا گولين جو کاڄ بڻجي چڪا آهن

بقايا سنڌيار 16

اسپتالن سميت پرائيويٽ اسپتالون مليريا جي مريضن سان سٽجي ويون آهن. مڇرن جي آزار سبب شهري راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور آهن. ٻي پاسي هتان جي شهرين اسلم سومرو، وفا ميمڻ، ماما منثار ڏايو، جاويد ميمڻ، سارنگ ممتاز سمون ۽ ٻين مطالبو ڪيو آهي ته شهر مان مڇرن جي خاتمي لاءِ جلد کان جلد مڇر مار ڦوهارو ڪرايو وڃي ته جيئن شهري سکون واري ننڊ سمهي سگهن.

بقايا سنڌيار 17

ڪندي چيو ته بلوچ ريپبلڪ آرمي سان تعلق رکندڙ دهشتگرد پائنڊ خان کي گرفتار ڪري 10 ڪلو گرام آر ڊي ايڪس، ٽي ايس ايم جي رائفلز، سئو گوليون ۽ دستاويز هٿ ڪيا ويا آهن. دهشتگردن وٽان هٿيار هٿ ڪيا ويا آهن.پوليس صالح پٽ جي ريگستاني علائقي ۾ آر ڊي 86 وٽان ڪارروائي ڪئي جتان دهشتگرد کي گرفتار ڪيو ويوجتان دهشتگرد کي گرفتار ڪيو ويو آهي اتان ڀارت جي سرحد تمام ويجهو آهي، ايس ايس پي سکهر سنگهار ملڪ پريس ڪانفرنس ڪندي وڌيڪ چيو ته گرفتار دهشتگرد جو تعلق ڪالعدم تنظيم سان آهي. پابندي مڙهيل تنظيم جا وڌيڪ 4 دهشتگرد فرار ٿي ويا آهن. جن جي ڳولا جاري آهي ،ان موقعي تي ايس ايس پي سکر ڪچي ۾ آپريشن جي حوالي سان پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڪچي ۾ ڌوهارين خلاف ڪارروائي جاري آهي،تمام جلد ڪچي ۾ رهندڙ ڌوهارين جوخاتمو ٿي ويندو

بقايا سنڌيار 18

۾ اسان جي بي گناهه ماڻهن عشق علي سهتو ۽ صدام سهتو کي گرفتار ڪرائي جيل موڪلي ڇڏيو آهي جڏهن ته حد جي پوليس سپر سائيٽ ٿاڻو جوابدارن سان مليل آهي شڪايتن باوجود ڪوبه انصاف نه ٿو ملي قبضا مافيا هاڻ به اسان جي ذاتي گهر تي هٿيارن سان ويٺل آهي جيڪي وڌيڪ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ ڪنهن به وقت جاني نقصان پهچائي سگهن ٿا اسين اي آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي اوپر زون ۽ ايس ايس پي اوپر کي اپيل ڪريون ٿا ته قبضو ۽ حملو ڪندڙ جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري تحفظ ۽ انصاف ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 19

قاضي، وسيم پگهيو ۽ ٻين جي خصوصي شرڪت: گورنمينٽ پرائمري اسڪول 2 رتوديرو ماڊل اسڪول آهي هيڊ ماسٽر تراب ابڙو زبردست ڪردار ادا ڪري رهيو آهي: انيس الرحمان جلباڻي رپورٽ موجب رتوديرو شهرجي گورنمينٽ پرائمري اسڪول 2 ۾ سالياني امتحان جي سلسلي ۾ هڪ خوبصورت تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جو خاص مهمان ڊي اي او پرائمري لاڙڪاڻو انيس الرحمان جلباڻي ۽ اعزازي مهمان ٽي اي او پرائمري ميل رتوديرو عبدالرشيد چانڊيو جن هئا جڏهن ته چيف مانيٽرنگ آفيسر ياسر علي سولنگي، آر ايس يو ڪوآرڊينيٽر ممتاز علي منگي، استاد اڳواڻ فياض حسين پٽي آءِ بي هيڊ ماسٽر رياض احمد قاضي، وسيم احمد پگهيو، عطاءالله ويسر، عبدالغني چنو، محمد يوسف جلباڻي ۽ ٻين پڻ خصوصي طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي اسڪول جي 200 مستحق شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ڊي اي او انيس الرحمان جلباڻي، ٽي اي او عبدالرشيد جلباڻي ۽ ٻين مهمانن مفت ٿيلها ڪتاب ۽ بوڪ پڻ ورهايا تقريب ۾ اسڪول جي آءِ بي اي هيڊ ماسٽر تراب علي ابڙو آيل مهمانن آفيسرن ۽ استادن کي آجياڻو ڏنو ۽ ڪين پليڪار ڪندي اجرڪ پڻ اوڍايا. ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊي اي او انيس الرحمان جلباڻي چيو ته ملڪ ۽ قوم جي ترقي جو دارو مدار صرف ۽ صرف تعليم تي آهي تعليم ڪانسواءِ ڪو به ملڪ ۽ قوم ترقي نٿا ڪري سگهن، هن چيو ته رتيديري شهر جو گورنمينٽ پرائمري اسڪول 2 ماڊل اسڪول جي حيثيت رکي ٿوجتي تعليمي ماحول تمام بهترين آهي اسڪول جو هيڊ ماسٽر تراب علي ابڙو جس لهڻي جيڪو زبردست محنت ڪري رهيو آهي.

بقايا سنڌيار 20

پوليس فائرنگ سبب زخمي فريادڻ مسمات نجمه نوتيار جي فرياد تي ڪيس کي ري اوپن ڪرڻ لاءِ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو وڪيل سنڌ بار ڪائونسل جو سينئر ميمبر محمد اشرف سمون پنهنجي ٽيم سميت ميدان تي اچي ويو سپريم ڪورٽ جي ناميارى ايڊوڪيٽ ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر اشرف سمون جي نگراني ۾ سندس ٽيم توڙي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وڪيلن ايڊوڪيٽ خالد صيفل الله ڏمير ايڊوڪيٽ شفقت حسين شورو ايڊوڪيٽ سراج علي جلباڻي ايڊوڪيٽ ماجد پنهور ايڊوڪيٽ محمد حنيف پنهور ۽ ٻين سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وڪيلن سان گڏ ڏينهن سيشن ڪورٽ ٺٽو پهتا فريادي مسمات نجمه نوتيار جي فرياد تي سيشن جج ٺٽو کي درخواست ڏني جنهن تي سيشن جج ٺٽو ڳوٺ موسا نوتيار واقعي ۾ زخمي عورت مسمات نجمه نوتيار جي ڏوباره علاج ۽ ميڊيڪل چڪاس جائز ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ لاءِ سول سرجن ٺٽو کي ليٽر جاري ڪري ڇڏيو ۽ وڪيلن جي ٽيم اشرف سمون جي اڳواڻي ۾ سول اسپتال مڪلي پهچي زخمي عورت نجمه نوتيار کي سول اسپتال مڪلي داخل ڪرايو جتي سندس علاج شروع ڪيو ويو آهي ٻئي طرف وڪيلن جي ٽيم ۽ ميڊيا جي ٽيم نوتيار برادري جي سردار ڊاڪٽر غني نوتيار جي اڳواڻي ۾ واقعي جي حقيقت ڄاڻڻ لاءِ ڳوٺ موسا نوتيار پهچي ڳوٺ واري سر زمين جو جائزو ورتو جتي سپريم ڪورٽ جي ايڊوڪيٽ سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر سينئر ايڊوڪيٽ محمد اشرف سمون ٻين سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وڪيلن چيو ته هن ڳوٺ جا آثار ظاهر ڪن ٿا ته هي ڳوٺ تمام قديمي ڳوٺ آهي هن قديمي ڳوٺ جو سمورو وجود سرڪاري ايريگيشن جي زمين ۽ پڌي تي قائم آهي جنهن جي 1991 ۾ انجنيئر ايريگيشن ٺٽو پاران نوتيارن کي اين او سي به جاري ڪيل آهي سرڪاري زمين تي آباد ڳوٺ ۾ پڪا گهر ۽ گهرن اندر بيٺل ٻيرن ديوين نمن ۽ جارين جا وڻ به انتهائي قديمي آهن هن ڳوٺ واري زمين کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهور برادري جي ڪيل درخواست ۽ ڪورٽ حڪم تي ڳوٺ خالي ڪرائڻ لاءِ سيشن ڪورٽ ٺٽو مان جاري ڪيل ليٽر ۽ ڪورٽ حڪم جي مڪمل ابتڙ پوليس ۽ روينيو وارن غلط طريقڪار سان ڪورٽ فيصلي جي به انحرافي ڪندي ۽ فيصلي جو مس يوز ڪندي پوليس توڙي روينيو عملدارن ڳوٺ خالي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ڳوٺاڻن کي پنهنجي گهرن کان اچانڪ بي دخل ڪرڻ لاءِ پوليس طرفان فائرنگ جي شروعات ٿي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ روينيو تپيدار شهيد ٿي ويو پوليس فائرنگ سبب هڪ عورت مسمات نجمه نوتيار کي پڻ گوليون لڳيون جنهن کي پوليس علاج لاءِ ليٽر بروقت جاري نه ڪيو ۽ نه سندس علاج ڪرايو ويو جڏهن ته وڪيل اڳواڻن چيو ته نوتيارن جي 10ماڻهن جي هاءِ ڪورٽ مان حفاظتي ضمانت ڪرائي آهي ۽ ٻين جون پڻ جلد ضمانتون ڪرايون ويندون ۽ بيگناهه اي ٽي سي ڪيسن ۾ گرفتار ماڻهن کي به جلد آزاد ڪرايو ويندو ان موقعي تي نوتيار برادري جي وڏيري ڊاڪٽر غني نوتيار پڻ چيو ته بااثر طاقتور ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ پوليس ڳوٺ تي ڪاهه ڪري پرامن ماحول خراب ڪري اڳوات ڳوٺاڻن تي فائرنگ ڪئي سالن کان سرڪاري زمين تي قائم ڳوٺ کي مسمار ڪري ڳوٺاڻن کي پنهنجي گهرن کان بي دخل ڪيو ويو آهي جيڪا نوتياري برادري سان وڏي زيادتي آهي اسان کي وڪيل دوستن مان اميد آهي ته هن زيادتي جو قانون جي مدد سان ازالو ڪندا جڏهن ته سينئر صحافين بلاول سمون پيرل پياسي اي بي شورو ٻين چيو آهي ته نوتيار برادري سان رمضان شريف جي پلاري مهيني ۾ پوليس توڙي روينيو عملي پاران غلط ڪيل ڪاهه توڙي ڪورٽ سڳوري جي ليٽر جو ناجائز فائدو ورتو ويو پوليس اٿالن سان ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي وئي جيڪا غلط طريقي جي ڪاروائي ٿي جنهن سبب اهڙي غلط پاليسي سبب ٿيل خونريزي جي انڪوائري جي شروعات ٿي آهي اميد ته نوتيار برادري جو ڪيس سنڌ دوست وڪيل اعلي عدالتن ۾ وڙهندا بي گهر ٿيل ڳوٺاڻن سان انصاف ٿيندو ياد رهي ته 19 اپريل 2023 تي ڳوٺ موسا نوتيار ۾ ڳوٺ واري سرڪاري زمين تي پنهور برادري ۽ نوتيار برادري جو تڪرار هلندڙ هو اهڙي تڪراري زمين بابت ايڊيشنل سيشن جج 2 جي آرڊر جو غلط استعمال ڪندي غلط طريقي سان ٺٽو پوليس اٿالن ڳوٺ تي ڪاهه ڪري عورتن معصوم ٻارن مٿان فائرنگ ڪئي جنهن ڪري اهڙي ڪاروائي دوران فائرنگ واقعي ۾ فريادڻ مسمات نجمه نوتيار گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پئي هئي جڏهن هڪ روينيوملازم تپيدار سيد علمدار فائرنگ سبب شهيد ٿي ويو هو

بقايا سنڌيار 21

انيس الرحمان جلباڻي، ايڊيشنل ڊائريڪٽر حڪيمان کهڙو، ڊي اي او رشيد چانڊيو، پرنسپال سينٽ جوزف اختر ڪوريجو، عبدالرحمان سوائي، پ ٽ الف اڳواڻ حاجن سيال، اعجاز سيال، آپڪا اڳواڻ ڪامل سرگاڻي، توفيق پٽوسميت مختلف اسڪولن جا پرنسپال ۽ استاد وڏي انگ ۾ نئون ديرو ٿاڻي تي موجود هئا. ڊي ايس پي نئون ديرو فدا حسين لانگاهه ۽ ايس ايڇ او نئون ديرو شاهد ميمڻ آڏو ٿاڻي تي تعليم کاتي جي عملدارن، استادن ۽ ڪلارڪن پاران ڦر واقعي خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو وي ٿاڻي تي موجود عملدارن سومرتائين جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦريل رقم ۽ سامان هٿ نه ڪرڻ جي صورت ۾ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ اسڪولن ۾ تدريسي عمل توڙي امتحانن جو بائيڪاٽ ڪري سخت احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو چتاءُ ڏنو ويو موقعي تي موجود پوليس اهلڪارن کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو ويو ڦر دوران پوليس اهلڪار موبائل تي سامهون بيٺل رهيا ۽ ڌوهارين خلاف ڪجهه نه ڪيو. اهلڪارن کي ڌوهارين جو پيڇو ڪرڻ لاءِ چيو ته هنن جواز ڄاڻايو ته اسان جي پوليس موبائل ۾ پيٽرول ناهي ۽ هٿيار به نٿا هلن جنهن مان لڳي رهيو هو ته موجود اهلڪار ڌوهارين سان هٿ ٺوڪيل هئا - عبدالعزيز چاچڙ متاثر آفيسر 5 هٿيارٻندن جو پيرو لڳو آهي جنهن مان 3 هٿيارٻندن جو پيرو تاجوديرو ڪچي واري علائقي تائين وڃي گم ٿي ويو، باقي 2 هٿيارٻندن جا پيرا گم هئا شايد اهي ڪنهن گاڏيءَ تي فرار ٿي ويا هئا. وڌيڪ جاچ ڪريون پيا جلد ئي ڌوهارين کي گرفتار ڪيو ويندو - ايس ايڇ او شاهد ميمڻ .اسان جديد طريقي سان ڌوهارين بابت جاچ ڪري رهيا آهيون. جلد ئي انهن جو پتو لڳائي ڪاروائي ڪري ڦريل رقم ۽ سامان رڪور ڪرايو ويندو، غفلت ڪندڙ اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي ويندي - ڊي ايس پي فدا حسين لانگاهه ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او پاران تعليم کاتي جي عملدارن کي انصاف جي خاطري ڪرائي آچر تائين مهلت وٺي ڇڏي، اهڙي خاطري بعد آفيسر واپس روانا ٿي ويا

بقايا سنڌيار 22

ڪور پاران سماجي تبديليءَ ۾ سوشل ميڊيا جو ڪردار جي عنوان تي هڪ ڏينهن وارو ورڪشاپ منعقد ٿيو. ورڪشاپ جي صدارت يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو ڪئي. ان موقعي تي صدارتي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو چيو ته شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور شاگردن جي صلاحيتن کي وڌائڻ جا وسيع موقعا فراهم ڪري رهي آهي. هن چيو ته نوجوان سوشل ميڊيا جو مثبت استعمال ڪري سماج ۾ مثبت تبديلي آڻي سگهن ٿا. هن چيو ته سوشل ميڊيا جو مثبت استعمال سماج جي بهتر سماجي ۽ معاشي تبديلي لاءِ ضروري آهي. ڊاڪٽر ابوپوٽو ورڪشاپ جي آرگنائزرز جي ڪوشش کي ساراهيو. پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز چيو ته سوشل ميڊيا جا مثبت ۽ منفي پهلو آهن. سوشل ميڊيا جو مثبت استعمال رياست جي ترقي ۽ پائيدار امن ۽ مثبت تبديليءَ لاءِ وقت جي اهم ضرورت آهي. ان موقعي تي ماسٽر ٽرينر 92 نيوز جي ايگزيڪيوٽو پروڊيوسر سجاد حسين پٽي موضوع تي ڳالهائيندي چيو ته سوشل ميڊيا جي حقيقت ۽ سچائي بابت پاڻ تي يقين رکو. هن چيو ته سوشل ميڊيا سماجي تبديلي لاءِ موثر ڪردار ادا ڪري ٿي. سوشل ميڊيا سماج ۾ ماڻهن جي حوصلا افزائي ۽ حوصلا شڪني جو اهم ذريعو آهي. هن چيو ته سوشل ميڊيا شهري تعليم، عورتن کي بااختيار بنائڻ ۽ ڪاروبار کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي، هن چيو ته هن يونيورسٽي جي شاگردن ۾ سکڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي. هن شاگردن جي صلاحيتن جي واڌاري ۽ مثبت تبديليءَ لاءِ هن قسم جي ورڪشاپ منعقد ڪرڻ تي وائيس چانسلر ۽ سندس ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيو. بسوا جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر خادم حسين ميراڻي چيو ته اسان شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جا ويجها پارٽنر آهيون ۽ شاگردن جي صلاحيت کي وڌائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون ڇاڪاڻ جو نوجوان قوم جو مستقبل آهن. هن بسوا جي مختلف پروجيڪٽس جي سرگرمين بابت آگاهي ڏني. اي پي پي سکر جي اسٽيشن ڊائريڪٽر جميل احمد سومروچيو ته اي پي پي 1947 ع کان وٺي صحيح، بامقصد ۽ بلاتعطل خبرون پهچائي قوم جي خدمت ڪري رهي آهي. هن چيو ته اي پي پي پنهنجي ڪيترن ئي پليٽ فارمن ذريعي مستند خبرن جو مواد فراهم ڪري رهي آهي. هن علائقي جي نوجوانن کي مثبت سرگرمين ۾ رهنمائي ڪرڻ تي موجود وائيس چانسلرجي ڪوشش کي ساراهيو. ڊاڪٽر علي رضا لاشاري انچارج اسٽوڊنٽس سوسائٽيز سينٽر اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض سرانجام ڏنا. آخر ۾ شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ورڪشاپ ۾ وائيس چانسلر جي سيڪريٽري زوهيب شفقت ميمڻ، بسوا جي پروجيڪٽ منيجرفوزيه حنيف ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 23

ميڊم صبا جو متاثره نياڻي کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ فوري ايڪشن ٽائي ڍرڪي جي ايس ايڇ او کي نياڻي کي تحفظ ڏيڻ ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي جون هدايتون جاري تفصيل موجب ڍرڪي جي ميان عبدالسميع محلي جي رهواسڻ ٻن ٻارن جي ماءُ نوجوان عورت منظوران انڊڙ گذريل ڏينهن انصاف وٺڻ لاءِ ايس ايس پي آفيس گهوٽڪي جي ليڊيز ڪمپلين سيل آفيس پهچي وئي ان سلسلي ۾ متاثرا عورت ميڊيا آڏو ڏانهيندي ٻڌايو ته پندرهن سال پهريان ڪنبير انڊڙ سان شادي ٿي هئي ۽ ٻار به آهن سس جي چوڻ تي منهنجو مڙس ڪنبير، منهنجو سهرو ۽ ڏير مون مٿان وحشياڻو تشدد ڪندا آهن ۽ سس به نمبر ڏنڊو ڪرڻ لاءِ بلاوجه مختلف بهانن سان مونکي تشدد جو نشانو بڻائي خوش ٿيندي آهي گزريل رات مونتي تشدد ڪري رسن سان ٻڌي سڄي رات ڪمري ۾ قيد رکيو ويو متاثره عورت پنهنجي ڀاءُ سان گڏجي ميرپور ماٿيلو ۾ احتجاج ڪندي ايس ايس پي گهوٽڪي ايس ايڇ او ڍرڪي ۽ تمام وس وارن کان مطالبو ڪيو ته منهنجي جان کي خطرو آهي مونکي تحفظ ڏئي مونسان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 24

روزگار نه ملڻ خلاف مقامي ماڻهن ڪوئلي جي کوٽائي بند ڪرائي ريلي ڪڍي ڪمپني گيٽ آڏو ٺهڪ اس ۾ 3 ڪلاڪ ڌرڻو هڻي چٽي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي مقامي ماڻهن يوسي چئرمين لاکڙا ڪول مائينز گلاب خان ڪوسو بابر خان ڪوسو فريد خان ڪوسو ميان بخش عرف پٺاڻ ڪوسو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت واپڊا جي سنڌ لاکڙا ڪول مائينز جي ٺيڪيدار ڪمپنين باچا خان ۽ ولي خان جي ٺيڪيدارن مقامي بااثرن سان ملي ڀڳت ڪري سندن سروي زمينن مان بنا ڪنهن معاوضي ۽ روزگار ڏيڻ جي زبردستي ڪوئلي جي کوٽائي ڪرائي رهيا آهن حق گهرڻ تي ڪين جيل موڪلڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جڏهن ت چالاڪي سان سرمائيدار مقامي بااثرن کي لالچون ڏئي مقامي ماڻهن کي ويڙهائي خونريزي ڪرائڻ چاهي ٿي هنن وڌيڪ چيوت سهاڪائي ڪوسن ۽ ملهواڻي ڪوسن جي زمينن جا کاتا انگريزن جي دور جا آهن جنهن ۾ ڪين سمورا حق ڏيڻ جي خاطري به ڪرائي وئي هئي پرهاڻي معاهدو ٽوڙيو ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڪمپني پاران پيئڻ جي پاڻي روڊ رستن تعليم صحت جي ڪابه سهولت نه ڏئي سگهي آهي هنن مطالبو ڪيو ت فوري طور مطالبا تسليم نه ٿيا ت ڪم بند ڪرائڻ سان گڏ انڊس هاءِ وي تي به ڌرڻو هنيو ويندو هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ڊائريڪٽر جنرل مشتاق احمد ٻڌايو ت مقامي ماڻهن کي جيڪا به شڪايت آهي اها اسان کي لکت ۾ ڏين ت ايڪشن ڪنداسين

بقايا سنڌيار 25

لکين روپين جو قيمتي سامان چوري ڪري ويا جڏهن ته 41300 رپيا روڪ رقم پڻ چوري ان کان اڳ به چور آمري اسٽاپ تي موجود دوڪانن مان پنکها ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا پر ٺٽو پوليس چورن کي پڪڙڻ ۾ مسلسل ناڪام نظر اچي رهي آهي، ٺٽي جي شهرين ايس ايس پي ٺٽو کان چورن خلسف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي. ياد رهي ته ٺٽو ۽ مڪلي شهر مستقل چورن جونشانو بڻيل آهي، جتي ڪو به ڏينهن اهڙو نه هوندو آهي جڏهن موٽرسائيڪل چوري نه ٿيندي هجي

بقايا سنڌيار 26

ڪري ڇڏيو آهي، حڪومتي جي غلط معاشي پاليسين عوام جو جيئڻ مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي، عمران خان جي گرفتاري ڪرپشن ڪيس ۾ جهڙي طرح سان ڪئي وئي ان سان عوام ۾ ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن ته نواز شريف ۽ زرداري سميت ٻين سياسي اڳواڻن کي پڻ نيب گرفتار ڪيو هو، عمران جي گرفتاري کان پوءِ ملڪ ۾ افراتفري ۽ انتشار جو ماحول پيدا ٿيو، هاڻي به وقت ويو ڪونهي مخالف ڌر ۽ حڪومتي اتحاد هوش کان ڪم وٺندي ڳالهين جي ميز تي معاملا حل ڪرڻ طرف اچن. اهڙن خيالن جو اظهار هن اسلامڪ هال نواب شاهه ۾ رٿيل عوامي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ڪيو. محمد حسين محنتي وڌيڪ چيو ته حڪمرانن جي غلط پاليسين، ڪرپشن ۽ انتقامي سياست ملڪ کي ان حد تائين پهچايو آهي جو اڄ دنيا جي ڀهرين مسلم ايٽمي طاقت ملڪ هڪ ارب ڊالرز لاءِ آءِ ايم ايف هٿان يرغمال بڻيل آهي انهن حالتن جي ذميواري عوام مٿان پڻ عائد ٿئي ٿي ڇو ته اسان هر ڀيري وڏيرن، ميرن، پيرن ۽ سرمائيدارن کي ووٽ ڏئي اقتداري ايوانن تائين پهچايون ٿا جڏهن ته ملڪ ۽ عوام جي ايندڙ نسلن جي بهتر مستقبل لاءِ هاڻي عوام کي ديانتدار قيادت جي چونڊ ڪرڻ گهرجي. تقوي ۽ قرآن ۽ سنت جي رستي تي هلڻي اسان سڀني مشڪلات کان نجات حاصل ڪري سگهون ٿا. جماعت اسلامي ڪراچي ۾ مڪاني چونڊن ۾ ڀرپور ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، پ پ ضد ۽ هٺ ڌرمي ڇڏي عوامي مينڊيٽ جو احترام ڪري. 15 سالن کان سنڌ ۾ اقتدار جا مزا ماڻيندڙ پ پ جي پوتارن سنڌي عوام کي روزگار،تعليم , صحت سميت صاف پاڻي جهڙين بنيادي سهولتن کان به محروم ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته وڏن دعون باوجود سرڪاري اسپتالن ۾ ڪتي ڇڪ جي انجيڪشن به اڻ لڀ آهي ۽ ماڻهن جا معصوم ٻار سندن جهولين ۾ تڙپي تڙپي دم ڏئي رهيا آهن جنهن مان سنڌ جي حڪمران لاڏي جي بي حسي صاف ظاهر ٿئي ٿي. ان موقعي تي ضلعي امير سرور احمد قريشي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ سياسي ماڻڌاڻ دوران ناجائز اسرائيلي رياست دهشتگردي جون سڀئي حدون پار ڪندي غزه ۾ مجاهدين، عورتن ۽ معصوم ٻارن مٿان چتي بمباري ڪئي جنهن دوران 33 ماڻهو شهيد ٿي چڪا آهن، ٻي طرف ڀارت ڪشمير ۾ مظلوم ڪشميري عوام مٿان ظلم جا پهاڙ ڪيرائي رهيو آهي، پر مسلم حڪمران خاموش تماشائي بڻيل آهن. جماعت اسلامي گوادر جي لکين ماڻهن جي هردلعزيز اڳواڻ مولانا هدايت الرحمن جي ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتاري ۽ سندس ضمانت نه ٿيڻ جي مذمت ڪري ٿي، هڪ طرف عدالت هڪ سياسي اڳواڻ کي هڪ ڏينهن ۾ درجنين ڪيسن ۾ ضمانتون ڏئي ٿي ته ٻئي طرف بلوچستان جي مظلوم عوام جي ترجماني ڪندڙ مولانا هدايت الرحمن بلوچ کي چارمهينا گذري وڃڻ باوجود پاڪستان جي ڪنهن به عدالت مان ضمانت نه ملڻ ظلم ۽ ٻٽي معيار جي عڪاسي ڪري ٿو. ميڙاڪي کي مقامي امير عبدالباسط قريشي پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته ضلعي نائب امير سردار احمد آرائين، عبدالرحمن پٽي پڻ ان موقعي تي موجود هئا.

بقايا سنڌيار 27

روئي تي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي واٽر پمپ - ناظر آباد ، سرجاڻي - ٽيچر سوسائيٽي - سچل ڳوٺ شانتي نگر - ڊاليميا سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جي ڪري ڪاروبار به متاثر بجلي تي هلندڙ ڪاروباري واپارين ارشد ڀائي. لالاقاسم - راشد . احمد ۽ ٻين چيو ته ڪي اليڪٽرڪ جي عملي پاران بلا وجا لوڊشيڊنگ ڪري عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هڪ طرف سخت گرمي ۽ ٻي پاسي هتڙاو لوڊشيڊنگ اسان غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هاڻ ڪراچي جي عوام ان کي اليڪٽرڪ ظالم ڪمپني مان تنگ ٿي چڪي آهي شهرين وزيراعظم پاڪستان - وزير اعليٰ سنڌ ۽ صدر کي اپيل ڪئي آهي ته خدارا ڪراچي مان لوڊشيڊنگ مان عوام جي جان ڇڏرائي وڃي

بقايا سنڌيار 28

واري معاملي تان تڪرار هلندڙ هو،مخالف ڌر جي ماڻهن حملو ڪري اسان جي چتون پيل کي مارڪٽ ڪئي،جيڪو زخمي ٿي پيو،جنهن کي اسان اسپتال داخل ڪرايو،جنهن بعد جهانگرو ٿاڻي جي ايس ايڇ او جوابدار ڌر جي ونگار وهندي اسان جي زخمي همراهه سميت 13 ڄڻن تي جهيڙو جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي،ڪيس ۾ جوابدار ڄاڻايل سمورا ماڻهو بئراجي علائقن ۾ لاباري تي ويل هئا،انهن کي شامل ڪيو ويو آهي،جيڪو سراسر ظلم آهي،هنن الزام هڻندي چيو ته پوليس پ پ اڳواڻ سيد احمد شاهه ۽ سيد پورل شاهه جي چرچ تي اسان تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي،اسين سمورا متاثر اڄ ٻچا بئراج ۾ ڇڏي هتي ضمانت ڪرائڻ آيا آهيون،اسين ايس ايس پي ٿرپارڪر کي اپيل ڪيون ٿا ته جانچ ڪري انصاف ڪيو وڃي،ٻي پاسي الزام هيٺ آيل پ پ اڳواڻ سيد پورل شاهه رابطي تي ٻڌايو ته منهنجو هن معاملي سان ڪوبه واسطو ناهي،لڳايل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن،منهنجو هن سموري معاملي سان ڪو واسطو ڪونهي هرويرون منهنجو نالو ڪٽي بدنام ڪيو پيو وڃي.

بقايا سنڌيار 29

لاءِ آخري دم تائين جدوجهد ڪندا رهنداسين پ پ شهيد ڀٽو سٽي نئون ديرو جي آفيس ۾ صوبائي صدر زبيرجتوئي، سي اي سي ميمبر غلام حيدر ناريجو، ضلعي اڳواڻ سليم چنه، عبدالمجيد لهڙي، لياقت عمراڻي جي نگراني ۾ پ پ شهيد ڀٽو سٽي نئون ديرو جي عهديدارن جي چونڊ ڪئي جنهن ۾ صدر وريام چنو، سينيئر نائب صدر اختيار سمون، نائب صدرعلي اڪبر مگريو، جنرل سيڪريٽري غلام نبي ڪولاچي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سعيد ميراڻي، جوائنٽ سيڪريٽري شاهد ميان ڀٽو، خزانچي عبدالرزاق موهل، پريس ترجمان تشڪيل انصاري، آفيس سيڪريٽري غلام مرتضيٰ مگنيجو کي هڪ سال لاءِ سٽي نئون ديرو جو عهديدار چونڊيو ويو. اجلاس کي خطاب ڪندي زبير جتوئي وڌيڪ چيو ته اسان ڪنهن هجوم جو حصو نٿا بڻجڻ چاهيون. اسان جي ملڪ مان گورنمينٽ سرونٽ واري ٽريند کي ختم ٿيڻ کپي ۽ ملازم گورنمنٽ سرونٽ نه پر پبلڪ سرونٽ آهن. ڇو جو انهن کي پگهارون يا ٻيون مراعتون عوام جي ٽيڪس مان ادا ڪيون وڃن ٿيون. اگر اسان ٽيڪس ادا ڪيون ٿا ته پوءِ اسان سيڪيورٽي ۽ ٻين بنيادي حقن کان محروم ڇو آهيون؟ هجڻ ته اڄي گهرجي ته اسان جي مال ۽ جان جي حفاظت اسان جا محافظ ڪن. پر ايئن ناهي اسانکي پنهنجي موٽرسائيڪل يا ٻئي سامان جي حفاظت پاڻ کي ڪرڻي ٿي پوي. اسان جي ملڪ اندر اهڙو نظام آهي جنهن ۾ مظلوم ٽيڪس ادا ڪندي به انصاف وٺڻ لاءِ پريشان آهي. جيستائين مظلوم ڪنهن جو پيٽ نٿو ڀري تيستائين ان کي ڪي انصاف نٿو ڏنو وڃي. مظلوم خرچ ڪري به اهو انصاف کان محروم رهي ٿو. ان نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي چيئر پرسن محترم غنوي ڀٽوجيڪو شهيد جي نعري جو علم کنيو آ ان جو مڪمل تحفظ ڪندي چيئرپرسن غنوي ڀٽو جي قيادت ۾ عوام جي خدمت ڪندا رهنداسين. سي اي سي ميمبر غلام حيدر ناريجو چيو ته هن وقت ملڪ وڏي ڏکين حالتن مان گذري رهيو آهي ۽ ملڪ کي اهڙي حالت ۾ پهچائڻ جا ذميوار حڪمران آهن. ملڪ مان اهڙي حڪمراني ختم ٿيڻ گهرجي. نئين چونڊيل صدر وريام چنو چيو ته مون مٿان اعتماد ڪري جيڪا ذميواري ڏني وئي آهي ان تي پورو لهڻ جي ڀرپور نموني ڪوشش ڪندس.

****